جمهوري سوچ جي ترجمان
ABC CARTL
Daily
AWAMI SOACH
Karachi
روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي
چيف ايڊيٽر: حاجي محمد حنيف ميمڻ
ايڊيٽر: سيد گل شاهه
جلد 16 | اربع 07آڪٽوبر 2026ع بمطابق 24ربيع الثاني 1448هه | قيمت: 20 | شمارو356

مارچ خيبر طرف روانگي، خان جي آزادي تائين احتجاج جاري رهندو: سهيل آفريدي

خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي اڳواڻي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جو لانگ مارچ جاري آهي، مارچ جا شرڪت ڪندڙ ڪوهاٽ پهچي ويا

بند ڪمرن ۾ ٿيندڙ فيصلا قبول ناهن، صوابي ۾ ايندڙ حڪمت عملي جو اعلان ڪنداسين اسان جا مطالبا جائز ۽ آئيني آهن، دنيا جي سموري دولت ڏئي به مون کي خريد نٿو ڪري سگهجي: خيبرپختونخوا جو وڏي وزير سهيل آفريدي

8 آڪٽوبر تي ٽي ٽوئنٽي ميچ شروع ٿيندو. لانگ مارچ جو قافلو هاڻي پشاور بدران خيبر ويندو. سهيل آفريدي طرفان روٽ تبديل ڪرڻ جو اعلان

وزيراعليٰ خيبر پختونخوا سهيل آفريدي جي قيادت ۾ پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ جو ٽيون ڏينهن آهي. ڪوهاٽ ۾ شرڪت ڪندڙن کي خطاب

سهيل آفريدي لانگ مارچ جو روٽ تبديل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ لانگ مارچ جو قافلو هاڻي پشاور بدران خيبر ويندو

باني پي ٽي آءِ جي آزادي تائين لانگ مارچ جاري رهندو. سهيل آفريدي جي مختصر خطاب کانپوءِ لانگ مارچ جا شرڪت ڪندڙ ڪوهاٽ کان ضلعي خيبر ڏانهن روانا ٿي ويا

ڪوهاٽ (م ڊ) خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي جي اڳواڻي ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جو لانگ مارچ جاري آهي، مارچ جا شرڪت ڪندڙ ڪوهاٽ پهچي ويا، جتان اڄ پشاور لاءِ روانا ٿيندا. خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي چيو آهي ته بند ڪمرن ۾ ٿيندڙ فيصلا قبول ناهن، صوابي ۾ ايندڙ حڪمت عملي جو اعلان ڪنداسين. هن چيو ته اسان جا مطالبا جائز /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪوهاٽ: وزيراعلي محمد سهيل آفريدي ڪوهاٽ ۾ لانگ مارچ کي خطاب ڪندي

ڳالهين ۾ اهم اڳڀرائي ٿي چڪي هئي، ڪي پي ڪي جي وزيراعليٰ جون شرطون رڪاوٽ بڻيون: طلال چوڌري

اسلام آباد (بيورو) مملڪتي وزير طلال چوڌري چيو آهي ته حڪومت ۽ اپوزيشن جي ڳالهين ۾ وڏو ب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

پيٽرول جلد سستو ٿيڻ وارو آهي: ٽرمپ

واشنگٽن(م ڊ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته آمريڪي صارفين پاران پيٽرول جون وڌيل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

مارچ ۽ ڌرڻا ختم ڪريو، ڳالهين لاءِ تيار آهيون: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) کي ڳالهين جي آڇ مارچ ۽ ڌرڻا ختم ڪيا وڃن ته پوءِ ڳالهين لاءِ تيار آهيون

اڍائي سالن جي محنت ۽ ٽيم ورڪ ذريعي ملڪي معيشت کي پنهنجي پيرن تي بيهاريو ويو آهي، ميڪرواڪنامڪ استحڪام وڏي مشڪل سان حاصل ڪيو ويو

اها قوم جي خواهش ۽ هر پاڪستاني جي آواز آهي ته پاڪستان کي هڪ عظيم ملڪ بڻايو وڃي، پر بدقسمتي سان ڳالهين کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ اسان جون ڪوششون نتيجا نه ڏئي سگهيون

هڪ طرف ملڪ ۾ ترقي ۽ خوشحالي جو عمل جاري آهي، ته ٻئي طرف احتجاجن سبب برآمدات، درآمدات ۽ پيداواري شعبي جي متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي: وزيراعظم

ڌرڻن ۽ احتجاج جي سياست جو پهريون نشانو ملڪي معيشت بڻجندي ۽ ترقي جو ڦيٿو ٻيهر روڪڻ ملڪ دشمني ناهي؟ هوش کان ڪم وٺو

ڌرڻا ختم ڪريو. ڇا توهان پاڪستان جي عالمي ساک کي نقصان پهچائڻ چاهيو ٿا؟هن واضح ڪيو ته مارچ ۽ ڌرڻا ختم ڪيا ويندا ته پي ٽي آءِ سان ڳالهين لاءِ تيار آهيون

اسلام آباد(بيورو) وزيراعظم شهباز شريف هڪ ڀيرو ٻيهر پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) کي ڳالهين جي آڇ ڪندي چيو آهي ته مارچ ۽ ڌرڻا ختم ڪيا وڃن ته پوءِ ڳالهين لاءِ تيار آهيون. اسلام آباد ۾ هڪ تقريب کي خطاب ڪندي وزيراعظم شهباز شريف چيو ته اڍائي سالن جي محنت ۽ ٽيم ورڪ ذريعي ملڪي معيشت کي پنهنجي پيرن تي بيهاريو ويو آهي، جڏهن ته ميڪرو اڪنامڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

نقوي جي زرداري سان ملاقات، ڪي پي ۾ گورنرراج يا ايمرجنسي لڳائڻ سميت مختلف آپشنز تي غور

ملاقات دوران محسن نقوي صدر آصف زرداري کي خيبرپختونخوا جي صورتحال ۽ گورنر ڪي پي فيصل ڪريم ڪنڊي سان ٿيل ملاقات بابت آگاهي ڏني

ملاقات ۾ ڪي پي ۾ گورنرراج ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ سميت مختلف آئيني آپشنز تي به غور ويچار ڪيو ويو

اسلام آباد (بيورو) وفاقي گهرو وزير محسن نقوي جي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

بجلي بحران، شارٽ فال ساڍا 4 هزار ميگاواٽ کان وڌي ويو

فوڪل پرسن ينگ انجنيئرنگ ڪائونسل عثمان فاروق موجب بجلي جي نظام مان ڪيترائي پاور هائوس ٻاهر ٿي ويا

پاور هائوس بند ٿيڻ سبب بجلي جو شارٽ فال ساڍا 4 هزار ميگاواٽ کان وڌي ويو آهي

اسلام آباد (بيورو) ملڪ ۾ بجلي جو بحران شدت اختيار ڪري ويو، بجلي جو شارٽ فال ساڍا 4 هزار ميگاواٽ کان وڌي ويو آهي. فوڪل پرسن ي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

نچڻ وارا گهوڙا ميدان ۾ ناهن ڊوڙندا: ڪي پي گورنر

پشاور(م ڊ) خيبر پختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو آهي ته "مان هميشه چوندو آهيان ت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

JOINT PRESS STAKEOUT
DEPUTY PRIME MINISTER/FOREIGN MINISTER OF PAKISTAN, SENATOR MOHAMMAD ISHAQ DAR & THE SECRETARY-GENERAL OF THE UNITED NATIONS, H.E. ANTÓNIO GUTERRES
06 October 2026
Islamabad
اسلام آباد: نائب وزيراعظم اسحاق ڊار ۽ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش جي گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي

پاڪستان گهڻ رخي نظام ۽ گڏيل قومن جي منشور جو مضبوط حامي آهي: نائب وزيراعظم

عالمي امن ۽ سلامتي ۽ تڪرارن جي حل لاءِ ڪردار ادا ڪندا رهنداسين

گڏيل قومن کي عالمي تڪرارن ۽ بحرانن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي

اسحاق ڊار ۽ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش جي جي گڏيل پريس ڪانفرنس

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

پرڏيهي سيڙپڪارن کي هر ممڪن سهولت ڏني پئي وڃي: وفاقي وزير

پرڏيهي سيڙپڪارن کي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي پئي وڃي

معيشت ۾ خانگي شعبي جو ڪردار انتهائي اهم آهي، جڏهن ته پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج تاريخي بلندين تي پهچي وئي آهي

ڪراچي(رپورٽر) ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

ڪراچي: اسپيڪر سنڌ اسيمبلي اويس قادر شاهه سان پرڏيهي قونصل جنرل ملاقات ڪندي

صدر ۽ وزيراعظم پاران سيڪيورٽي فورسز کي ڀيٽا

دهشتگرد عنصرن جا مقصد ناڪام بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن : صدر

اسلام آباد(بيورو)صدر آصف علي زرداري اتر وزيرستان ۾ فتنه الخوارج خلاف ڪامياب انٽيليجنس بيسڊ آپريشن تي سيڪيورٽي فورس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

وفاقي حڪومت جو جماعت اسلامي سان رابطو، وزيراعظم سان ملاقات جي لاءِ اهم پيغام پهچايو

پيٽروليم ليوي ڳالهين جي حوالي سان احسن اقبال لياقت بلوچ کي وزيراعظم جو پيغام پهچايو

وزيراعظم شهباز شريف ۽ جماعت اسلامي پاڪستان جي امير جي ملاقات لاءِ ٻئي ڪميٽيون شيڊول طئي ڪنديون : لياقت بلوچ

اسلام آباد (بيورو) جماعت اسلامي پاڪستان جي نائب امير لياقت بلوچ سان وفاقي وزير منصوب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3

اسلام آباد: گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش اسلام آباد پهچي ويو آهي

سنڌ حڪومت ڪراچي لاءِ جامع رٿابندي تحت ڪم ڪري رهي آهي: شرجيل انعام ميمڻ

بنيادي ڍانچي، صنعتي ۽ تجارتي رابطن، پاڻي ۽ ڊرينيج سميت ٻين شهري سهولتن جي بهتري تي توجهه ڏني پئي وڃي

ڪراچي پورٽ کان قيوم آباد تائين ايليويٽيڊ ايڪسپريس وي جهڙا منصوبا پورٽ ۽ صنعتي علائقن کي اهم شاهراهن سان ڳنڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا

ڪراچي پورٽ کان قيوم آباد ڪوريڊور جو مقصد اثرائتو رابطو قائم ڪرڻ، شهري رستن تي هيوي ٽريفڪ جي دٻاءُ کي گهٽ ڪرڻ ۽ معاشي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته سنڌ حڪومت ڪراچي لاءِ جامع رٿابندي تحت ڪم ڪري رهي آهي. بنيادي ڍانچي، صنعتي ۽ تجارتي رابطن، پاڻي ۽ ڊرينيج سميت ٻين شهر/ ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

سنڌ حڪومت شهرن کي خودمختيار بڻائڻ لاءِ پي پي جو فيصلو

هيڊڪوارٽر منيلا ۾ منعقد ڪيل ڪلائميٽ ايڊاپٽيشن انويسٽمينٽ پلاننگ فورم (CAIP) کي خطاب ۽ ميڊيا سان گفتگو

شهيد بينظيرآباد ۾ شهري ترقي ۽ موسمياتي تحفظ جي منصوبن تي تقريبن هڪ ارب آمريڪي ڊالر يعني 278ارب رپين جي سيڙپڪاري ڪئي ويندي

محفوظ انفرسٽرڪچر، شجرڪاري، شهري جنگلات ۽ جامع ماسٽر پلان سميت مختلف منصوبا مڪمل ڪيا ويندا: بيرسٽر ارسلان اسلام شيخ

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي گڏيل سهڪار سان سنڌ جي پنجن ڊويزنل هيڊڪوارٽرس سکر، حيدرآباد، لاڙڪاڻو ميرپورخاص ۽ شهيد بينظيرآباد ۾ شهري ترقي ۽ موسمياتي تحفظ جي منصوبن لاءِ تقريبن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

ڪراچي: انساني اسمگلنگ ڪندڙ عورت کي گرفتار ڪيو ويو آهي

ڳالهين کي لانگ مارچ سان مشروط نه ڪيو وڃي، وزيراعظم جي آڇ تي بيرسٽر گوهر جو جواب

اڳ به اهو موقف اختيار ڪري چڪا آهن ته اڄ نه ته سڀاڻي ڌريون ڳالهين جي ميز تي ويهي سگهن ٿيون

ڳالهين ۾ وقفو اچڻ ئي نه گهرجي ها، ڌريون مسلسل ۽ باقاعدگي سان ويهن، ضرور ڪو نه ڪو حل نڪري ايندو

جيڪي ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ تحريڪ انصاف خيبرپختونخوا جي ضلعي لڪي مروت مان لانگ مارچ شروع ڪيو

اسلام آباد (بيورو) پاڪستان تحريڪِ انصاف (پي ٽي آءِ) جي چيئرمين بيرسٽر گوهر وزيراعظم شهباز شريف طرفان ڳالهين جي نئين آڇ جو جواب ڏيندي چيو آهي ته ڳالهين جو سلسلو ٽٽڻ ئي نه گهرجي ها، ڳالهين کي لانگ مارچ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

محمود خان اڇڪزئي اپوزيشن کي حڪومت سان ڳالهين بابت هدايتون جاري ڪري ڇڏيون

اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي اخونزاده حسين يوسفزئي جي ذريعي اپوزيشن اڳواڻن ڏانهن پيغام موڪليو آهي

حڪومت طرفان رابطي جي صورت ۾ پهرين شرط باني پي ٽي آءِ سان ملاقات هجڻ گهرجي

سندس ڀينرن جي آزادي سان حڪومت مثبت اڳڀرائي جي شروعات ڪري سگهي ٿي

لاهور(م ڊ)محمود خان اڇڪزئي اپوزيشن کي حڪومت سان ڳالهين بابت هدايتون جاري ڪري ڇڏيون ذريعن موجب، اپوزيشن اڳواڻ محمود خان اڇڪزئي اخونزاده حسين يوسفزئي جي ذريعي اپوزيشن اڳواڻن ڏانهن پيغام موڪليو آهي. / ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

پهريون ڀيرو ڏٺو آهي ته وڏو وزير تحريڪ هلائي رهيو آهي: زاهد خان

هڪ قيدي جي آزادي لاءِ اسلام آباد تي چڙهائي ڪرڻ جو ڪو جواز نٿو بڻجي

دهشتگردي کان سڀ کان وڌيڪ متاثر صوبي ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ۽ ڪرپشن عروج تي آهي

ڪراچي(رپورٽر) مسلم ليگ ن جي اڳواڻ زاهد خان خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي تي تنقيد ڪندي چيو آهي ته هڪ قيدي جي آزادي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

9 مئي ڪيس: عليمه خان ۽ عظميٰ خانم جي ضمانت ۾ واڌ

جنهن دوران عدالت پراسيڪيوشن کان ڪيسن جو رڪارڊ طلب ڪري ورتو اي ٽي سي جي جج منظر علي گل ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي

عدالت ڪيسن جو رڪارڊ طلب ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تي وڪيلن کي دليل ڏيڻ لاءِ پڻ طلب ڪري ورتو

عدالت عليمه خان، عظميٰ خانم ۽ ٻين جوابدارن جي عبوري ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي 6 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي

لاهور (م ڊ) لاهور جي دهشتگردي توڙ عدالت ۾ 9 مئي جي ڀڃ ڊاهه ۽ باهه لڳائڻ وارن ڪيسن ۾ پي ٽي آءِ باني جي ڀينرن عليمه خان ۽ عظميٰ خانم سميت ٻين جوابدارن جي عبوري ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي ٿي، جنهن دوران عدالت پراسيڪيوشن کان ڪيسن جو رڪارڊ طلب ڪري ورتو اي ٽي سي جي جج منظر علي گل ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي، عدالت ڪيسن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

ايل اين جي سپلائي تي خدشا: حڪومت قطر کان 3 ڪارگو وٺڻ جو فيصلو ڪري ورتو

حڪومت ايل اين جي ڪارگوز جي محفوظ ۽ بنا رنڊڪ گذرگاهه کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ايراني اختيارين سان رابطو ڪرڻ جي تياري به ڪري رهي آهي

جيئن سامونڊي رستي ۾ ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ کان بچي سگهجي

قطر انرجي پاڪستان کي ايل اين جي جي فراهمي تي فورس ميجور جي مدي ۾ 4 نومبر تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي

جنهن سبب ملڪ ۾ گيس جي بحران کي منهن ڏيڻ جي لاءِ فوري ۽ متبادل قدم کنيا پيا وڃن

اسلام آباد (بيورو) ابنائي هرمز جي رستي توانائي جي ورهاست ۾ وڌندڙ غير يقيني واري صورتحال کي نظر ۾ رکندي حڪومت آڪٽوبر جي دوران قطر کان ايل اين جي جا 3 ڪارگو حاصل ڪرڻ جو اهم فيصلو ڪري ورتو آهي. ذريعن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

دهشتگردي اهڙو مسئلو آهي، جنهن تي سمجهوتو نٿو ٿي سگهي: اسد عمر

مسئلي جو حل طاقت بدران ڳالهين ۽ گڏيل ڪوشش سان ڳولڻ گهرجي

گذريل سال خيبرپختونخوا حڪومت سمورين سياسي پارٽين تي ٻڌل جرڳو گهرايو هو

اسلام آباد(بيورو)اڳوڻي وفاقي وزير اسد عمر چيو آهي ته دهشتگردي اهڙو مسئلو آهي، جنهن تي ڪنهن به صورت ۾ سمجهوتو نٿو ڪري سگهج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ناڻي واري وزير سان آءِ ايف سي وفد جي ملاقات، پاڪستان ۾ نجي سرمائيڪاري وڌائڻ تي ڳالهيون

ناڻي واري وزير سان آءِ ايف سي جي ڊائريڪٽر سائمن اينڊريوز ملاقات ڪئي جنهن ۾ آءِ ايف سي پاڪستان جي پرنسپل ڪنٽري آفيسر ناز خان به موجود هو

ملاقات ۾ نجي شعبي جي ترقي، سرمائيڪاري ۽ مالي سهولت تائين پهچ وڌائڻ جي لاءِ آءِ ايف سي جي جاري ۽ امڪاني مدد تي ڳالهيون ٿيون

محمد اورنگزيب پاڪستان سان آءِ ايف سي جي مسلسل پائيواري ۽ نجي شعبي جي لاءِ مالي مدد جي تعريف

نجي شعبي جي منصوبن لاءِ ڊگهي مدي وارن مالي وسيلن جي فراهمي بهتر بڻائڻ تي به خيالن جي ڏي وٺ ٿي

اسلام آباد (بيورو) ناڻي واري وزير محمد اورنگزيب ۽ آءِ ايف سي اختيارين پاڪستان ۾ نجي سرمائيڪاري ۽ مالي سهولت تائين پهچ وڌائڻ جي لاءِ تعاون وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. ناڻي واري وزير سان آءِ ايف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

سڱيون: موٽر چوري جي ڪوشش، هڪ چور مارجي ويو

سڱيون(رپورٽر) ڳوٺ حاجي جواڻ ڪلهوڙو ۾ زمين تان موٽر چوري ڪرڻ جي ڪوشش دوران/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

مٽياري لنڪ روڊ تي ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت

مٽياري (رپورٽر) مٽياري لنڪ روڊ تي تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار سخت زخمي ٿيڻ بعد فوت ٿي ويو. پوليس موج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڪراچي: گورنر سنڌ نهال هاشمي سان پاڪستان آمريڪن ڪلچرل سينٽر جو صدر ملاقات ڪندي

سرڪاري ادارن جو خسارو 342 ارب 80 ڪروڙ رپيا رڪارڊ

نيشنل هاءِ وي اٿارٽي (اين ايچ اي) 124 ارب 70 ڪروڙ رپين جي خساري سان سڀ کان اڳيان رهي

او جي ڊي سي ايل 73 ارب رپين جي منافعي سان پهرين نمبر تي رهيو

اسلام آباد(بيورو) جولاءِ کان ڊسمبر 2025ع تائين سرڪاري ادارن جو خسارو 342 ارب 80 ڪروڙ رپيا رهيو، نيشنل هاءِ وي اٿارٽي (اين ايچ اي) 124/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

قتل ڪيس ۾ صلح کان اڳ قانوني وارثن جو تعين ضروري قرار

لاهور(م ڊ) عورت جي قتل ڪيس ۾ صلح جي موقعي تي ٻه مڙس سامهون اچڻ بعد لاهور /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

جرمنيءَ جو اڳوڻو انٽيليجنس سربراهه جاسوسي ۽ غداري جي الزام هيٺ گرفتار

برلن (م ڊ)جرمني جي اڳوڻي انٽيليجنس سربراهه آگسٽ هيننگ کي جاسوسي، غداري ۽ ه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

ڪراچي: سينيٽر وقار مهدي ۽ سينيٽر عبدالقادر جو فلپائين جي سينيٽ جي صدر سان گروپ فوٽو

50 کان وڌيڪ ڇوڪرين جا موبائل چوري ڪيس ۾ اڳڀرائي

آنڌل ڇوڪرين جا موبائل فون چوري ڪرڻ ۾ ملوث مک جوابدار جي ٻن سڱن ڀائرن کي حراست ۾ ورتو ويو

واقعي ڪانپوءِ جوابدار جي اصل موبائل نمبر جي لوڪيشن گوجرانوالا مان ٽريس ٿي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي جي پرپاسي واري علائقي گڏاپ جي فارم هائوس مان 50 کان وڌيڪ ڇوڪرين جا موبائل فون چوري ڪرڻ واري ڪيس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ڳالهين ۾ وڏو بريڪ ٿرو ٿيو هو، آفريدي جي شرطن سبب عمل ناڪام ٿيو: طلال چوڌري

ڳالهين ۾ وڏو بريڪ ٿرو ٿي چڪو هو، سياسي معاملن تي اتفاق راءِ لاءِ اڳڀرائي به ٿي وئي هئي

پر آخري وقت ۾ خيبرپختونخوا جي وڏي وزير جا شرط ڳالهين جي ناڪامي جو سبب بڻيا

اسلام آباد (بيورو) رياست ۽ اپوزيشن وچ ۾ ڳالهين بابت اهم دعويٰ سامهون اچي وئي آهي. مملڪتي گهرو وزير طلال چوڌري چيو آهي ته ڳالهين/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

پشاور هاءِ ڪورٽ لانگ مارچ بابت درخواست تي عبوري رليف ڏيڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو

پشاور (م ڊ) پشاور هاءِ ڪورٽ لانگ مارچ بابت درخواست تي عبوري رليف ڏيڻ کان انڪار ڪ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

ڪراچي ۾ منڪي پاڪس جو ڪيس ظاهر

مريض کي گذريل ڏينهن ڪراچي جي جناح اسپتال آندو ويو

جتي سندس جسم ۾ منڪي پاڪس سان ملندڙ جلندڙ علامتون ظاهر ٿيون

ڪراچي (رپورٽر): ڪراچي ۾ منڪي پاڪس جو هڪ شڪي ڪيس سامهون اچي ويو. 50 ورهين جي شڪي مريض جو تعلق نوابشاهه سان ٻڌايو پيو وڃ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

وزيراعليٰ پنجاب جي عماني وزير سان ملاقات، اسڪلڊ ورڪرجي مسقط اچڻ تي پابندي بابت اهم اڳڀرائي

لاهور (م ڊ) پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نوازشريف جي عماني وزير زراعت ماهير/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

حيدرآباد ۾ دوست جو لاش گهر ۾ دفن ڪندڙ جوابدار گرفتار

عاشق سولنگي جي اغوا جو ڪيس پڻ داخل ڪرايو ويو هو

قتل جي سببن بابت گرفتار جوابدار کان وڌيڪ جاچ جاري آهي

حيدرآباد(رپورٽر) حيدرآباد ۾ دوست کي قتل ڪري مبينا طور تي لاش پنهنجي گهر ۾ دفن ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو پوليس موجب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

مير رضا ڪيس: سينيئر پوليس آفيسرن جا جواب جمع

ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، ڊي آءِ جي عامر فاروقي ۽ ڊي آءِ جي فرخ لنجار پنهنجا جواب جمع ڪرايا

ڪميشن جي معاون تجمل لوڌي ايڊووڪيٽ جوابن جا سيل بند لفافا ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا

مير رضا جي وارثن پڻ پوليس آفيسرن لاءِ سوال جمع ڪرايا هئا، جن ۾ 300 کان وڌيڪ سوال شامل هئا

ڪراچي (رپورٽر) [illegible] مير رضا [illegible] ڪميشن [illegible] جمع ڪرائي ڇڏيا. ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، ڊي آءِ جي عامر فاروقي ۽ ڊي آءِ جي فرخ لنجار پنهنجا جواب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر35

پشاور: گورنر ڪي پي فيصل ڪريم ڪنڊي اجلاس جي صدارت ڪندي

ڊيره اسماعيل خان: فائرنگ جي ٻن واقعن ۾ ايف بي آر ۽ پوليس جا 5 اهلڪار شهيد

پوليس موبائل تي فائرنگ ۾ هڪ اهلڪار زخمي ٿي پيو. واقعن ڪانپوءِ پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي

ٽاڪي يونيورسٽي ٽائون جي حدن ۾ نامعلوم هٿياربند موٽرسائيڪل سوارن فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا

ڊي آءِ خان جي گلستان چوڪ هاءِ وي تي موٽرسائيڪل سوارن پوليس موبائل تي فائرنگ ڪئي

ڊي آءِ خان (م ڊ) ڊيرا اسماعيل خان ۾ فائرنگ جي مختلف واقعن دوران پوليس اهلڪار [illegible] ايف بي آر جي [illegible] پوليس جا 5 اهلڪار شهيد ۽ هڪ اهلڪار زخمي ٿي پيو، جڏهن ته پوليس موبائل تي فائرنگ ۾ هڪ [illegible]/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

اربع 07آڪٽوبر 2026 ع بمطابق 24ربيع الثاني 1448هہ

نظام جي ناڪامي يا اختيارن جي کوٽ؟

پاڪستان هن وقت هڪ ئي وقت ڪيترن ئي سياسي، آئيني، معاشي ۽ امن امان جي چئلينجن ڪي منهن ڏئي رهيو آهي. اهڙي ماحول ۾ پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جو ٽڙ مان ڏنل اهو بيان تہ "جيڪڏهن اسلام آباد ناڪام آهي تہ ان ڪي ترجي ماڻهن جي حوالي ڪيو وڃي" رڳو هڪ سياسي جملو نہ، پر ملڪ ۾ جاري ان بحث جو اهم حصو آهي تہ پاڪستان جي مسئلن جو اصل حل نظام تبديل ڪرڻ ۾ آهي يا موجوده آئيني ۽ وفاقي ڍانچي ڪي ايمانداري سان لاڳو ڪرڻ ۾. بلاول ڀٽو زرداري ٿرڪول منصوبي جي ٽئين مرحلي جي افتتاح دوران ٿرجي ترقي ڪي 1973 ع جي آئين، 18هين ترميم ۽ صوبائي خودمختياري جي نتيجي طور پيش ڪيو ۽ نون صوبن جي مطالبي تي بہ سوال اٿاريو.

هن وقت اسلام آباد جي سياسي صورتحال پاڻ ان ڳالهہ جي عڪاسي ڪري رهي آهي تہ ملڪ ۾ سياسي اتفاق راءِ ڪيترو ڪمزور آهي. 5 آڪٽوبر 2026 ع تي پي ٽي آءِ سان لاڳاپيل هزارين ماڻهو عمران خان جي آزادي لاءِ خيبرپختونخواهہ ڪان اسلام آباد طرف مارچ ڪري رهيا آهن. جڏهن تہ حڪومت اسلام آباد ۾ سيڪيورٽي سخت ڪري مارچ ڪي روڪڻ جو اعلان ڪيو آهي. ساڳئي وقت حڪومت ۽ پي ٽي آءِ وچ ۾ ڳالهين جي ناڪامي سياسي ڇڪتاڻ ڪي وڌيڪ وڌائي رهي آهي. اهڙي صورتحال ۾ جيڪڏهن مرڪز ۽ صوبن جي وچ ۾ سياسي اعتماد بدران هڪ ٻئي ڪي ناڪام ثابت ڪرڻ جي روش وڌندي رهي تہ ان جو اثر رڳو پارليامينٽ تائين محدود نہ رهندو، پر وفاق جي مجموعي استحڪام تي بہ پوندو. بلاول ڀٽو زرداري جي ٿر بابت ڳالهہ جو بنيادي نڪتو اهو آهي تہ جيڪڏهن ڪنهن علائقي ڪي اختيار، وسيلن ۽ پاليسي ٺاهڻ جي گنجائش ملي ۽ ان سان گڏ مقامي سطح تي ادارا ڪم ڪن تہ پوئتي رهيل علائقو بہ معاشي سرگرمي، تعليم ۽ توانائي جي پيداوار ۾ اڳتي وڌي سگهي ٿو. ٿرڪول منصوبي جي توسيع ان ڳالهہ جو هڪ مثال ضرور آهي تہ قدرتي وسيلن ڪي استعمال ڪري توانائي جي پيداوار ۽ معاشي سرگرمي وڌائي سگهجي ٿي، پر ساڳئي وقت اهو بہ ضروري آهي تہ ٿرجي ترقي ڪي صرف ڪوئلي ۽ بجلي جي پيداوار سان نہ ماپيو وڃي. اصل ڪاميابي تڏهن چئي سگهجي ٿي جڏهن مقامي آبادي ڪي روزگار، صاف پاڻي، معياري تعليم، صحت، ماحولياتي تحفظ ۽ وسيلن مان مستقل فائدو بہ حاصل ٿئي.

پاڪستان جي معاشي صورتحال ۾ بہ ڪجهہ سڌارا نظر آيا آهن، پر مسئلا ختم ناهن ٿيا. آءِ ايم ايف موجب 2026 ع ۾ پاڪستان جي حقيقي مجموعي پيداوار ۾ واڌ جو اندازو 3.6 سيڪڙو ۽ صارفين جي قيمتن ۾ سراسري واڌ 7.2 سيڪڙو رکيل آهي. جڏهن تہ توانائي جي عالمي قيمتن، جيو پوليٽيڪل صورتحال ۽ ٻاهرين مالياتي ضرورتن سبب خطرا برقرار آهن. ان ڪري اسلام آباد جي ناڪامي يا ڪاميابي ڪي رڳو سياسي نعرا يا مخالف ذرع حڪومت جي بيانن سان نہ، پر روزگار، مهانگائي، تعليم، صحت، صنعت، برآمدات، ٽيڪس نظام ۽ عام ماڻهو جي زندگيءَ ۾ ايندڙ حقيقي تبديلي سان پرکڻ گهرجي.

هن بحث جو سڀ ڪان اهم پاسو 18هين آئيني ترميم ۽ صوبائي خودمختياري آهي. تازو سينيٽ جي ڊيوليشن بابت ذيلي ڪميٽي بہ 18هين ترميم تحت صوبن ڏانهن منتقل تيل اختيارن، وفاقي ادارن ۽ گڏيل مفادن واري ڪائونسل جي معاملن جو جائزو وٺندي ان ڳالهہ تي زور ڏنو تہ صوبائي ۽ گڏيل معاملن ڪي آئين جي دائري اندر حل ڪيو وڃي. ان مان واضح ٿئي ٿو تہ صوبائي خودمختياري جو سوال اڃا بہ پاڪستان جي وفاقي سياست جو مرڪزي موضوع آهي.

ٻئي طرف ملڪ ۾ نون صوبن جي بحث ڪي بہ مڪمل طور نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. آگسٽ 2026 ع ۾ نون انتظامي يونٽن، نون صوبن ۽ ڪراچي يا ٻين علائقن بابت مختلف تجويزن تي اقتداري حلقن ۾ بحث جون خبرون سامهون آيون. پي ٽي آءِ چيئرمين گوهر علي خان بہ نون صوبن بابت ڪنهن بہ تڪڙي فيصلي بدران اتفاق راءِ ۽ آئيني عمل جي ضرورت تي زور ڏنو. تنهن ڪري اصل سوال اهو هجڻ گهرجي تہ نئون صوبو ٺاهڻ سان عوام ڪي ڪهڙو آئيني، انتظامي ۽ معاشي فائدو ملندو ۽ ڇا ان ڪان اڳ موجوده صوبن اندر مقامي حڪومتن ڪي حقيقي اختيار ڏيڻ جي ڪوشش مڪمل ڪئي وئي آهي؟

18هين ترميم جو مقصد بہ اختيارن ڪي هيٺين سطح تائين منتقل ڪرڻ سان لاڳاپيل هو، پر گذريل سالن ۾ اها تنقيد ٿيندي رهي آهي تہ صوبائي سطح تي اختيارن جي منتقلي ڪان پوءِ ضلعي ۽ مقامي حڪومتن ڪي ايترو بااختيار نہ ڪيو ويو، جيترو عوامي خدمت لاءِ ضروري هو. موجوده بحث مان هڪ اهم سبق اهو نڪري ٿو تہ جيڪڏهن وفاق ڪان صوبن ڏانهن اختيار منتقل ٿيڻ ڪان پوءِ صوبن ڪان ضلعن ۽ مڪاني ادارن ڏانهن اختيار منتقل نہ ٿيندو تہ عام ماڻهو لاءِ حڪومت جو فاصلو گهٽجڻ بجاءِ وڌندو. ان ڪري "نوان صوبا" ۽ "وڌيڪ اختيار" هڪ ئي ڳالهہ ناهن، اصل ڳالهہ اختيار سان گڏ جوابدهي ۽ عوامي نگراني آهي.

پاڪستان جي موجوده بحران جو ٻيو وڏو پاسو امن امان آهي. خيبرپختونخواهہ ۾ دهشتگردي خلاف پاليسي، وفاق ۽ صوبائي حڪومت وچ ۾ اختلاف ۽ اسلام آباد ڏانهن سياسي مارچ هڪ ئي وقت سامهون اچي رهيا آهن. ان سان گڏ افغانستان سان لاڳاپن ۾ بہ ڇڪتاڻ وڌي آهي. تازو سرحد پار حملن ۽ افغانستان ۾ پاڪستاني هوائي ڪارروائين بابت ٻنهي ملڪن جا بيان هڪ ٻئي ڪان مختلف رهيا آهن. اهڙي ماحول ۾ سياسي ڌرين لاءِ سڀ ڪان وڏي ذميواري اها آهي تہ دهشتگردي خلاف پاليسي ڪي سياسي مقابلي جو اوزار بڻائڻ بدران قومي سلامتي، قانون ۽ آئيني ذميوارين جي بنياد تي گڏيل حڪمت عملي تيار ڪئي وڃي.

ٿرجو مثال يقيناً اهم آهي، پر ان مثال ڪي سڄي پاڪستان تي لاڳو ڪرڻ لاءِ ڪجهہ بنيادي سوالن جا جواب بہ ضروري آهن. ڇا ٿرجهڙي ترقي بلوچستان جي پسمانده علائقن، ڏکڻ پنجاب، اندرون سنڌ، خيبرپختونخواهہ جي قبائلي ۽ پهاڙي علائقن ۽ ٻين محروم ضلعن تائين پهچائي سگهجي ٿي؟ ڇا قدرتي وسيلن وارن علائقن جي مقامي ماڻهن ڪي انهن وسيلن ۾ مناسب حصو ملي رهيو آهي؟ ڇا وفاق ۽ صوبن وچ ۾ وسيلن جي ورڇ شفاف آهي؟ ڇا مڪاني ادارا پنهنجي فيصلا پاڻ ڪري سگهن ٿا؟ جيڪڏهن انهن سوالن جا جواب ڳولڻ شروع ڪيا وڃن تہ نون صوبن جي بحث ڪان بہ وڌيڪ بنيادي مسئلو سامهون اچي ٿو: پاڪستان ڪي نئين سرحدن ڪان اڳ بهتر حڪمراني جي ضرورت آهي.

انهيءَ پسمنظر ۾ بلاول ڀٽو زرداري جو "اسلام آباد ٿرجي ماڻهن حوالي ڪرڻ" وارو جملو سياسي طنز ڪان وڌيڪ هڪ سوال بڻجي سگهي ٿو: جيڪڏهن ٿر ۾ ڪنهن حد تائين ترقي جا ماڊل پيدا ٿي سگهن ٿا تہ اسلام آباد، لاهور، ڪراچي، ڪوئيٽا ۽ پشاور ۾ ڇو نٿا ٿي سگهن؟ پر ساڳئي وقت اهو سوال سنڌ جي حڪومت سميت هر صوبائي حڪومت ڪان بہ پڇڻ گهرجي تہ جيڪڏهن صوبائي خودمختياري مسئلن جو حل آهي تہ پوءِ تعليم، صحت، صاف پاڻي، روزگار، مڪاني ادارن، امن امان ۽ شفاف حڪمراني جا معيار هر ضلعي تائين هڪجهڙا ڇو نٿا پهچن؟

ملڪ جي موجوده صورتحال ۾ ڪنهن هڪ اداري، صوبي يا سياسي جماعت ڪي سمورن مسئلن جو ذميوار قرار ڏيڻ سان حل نڪرڻ ڏکيو آهي. وفاق ڪي صوبن تي اعتماد، صوبن ڪي مڪاني ادارن تي اعتماد، سياسي جماعتن ڪي پارلياماني عمل تي اعتماد ۽ سڀني ڌرين ڪي آئين تي اعتماد وڌائڻو پوندو 18هين ترميم ڪي ختم ڪرڻ يا صوبن جي اختيارن ڪي واپس مرڪز ڏانهن آڻڻ جي بحث ڪان وڌيڪ اهم ڳالهہ اها آهي تہ آئين ۾ موجود اختيارن ڪي عملي طور تي عوام تائين ڪيئن پهچايو وڃي.

پاڪستان ڪي اهڙي وفاق جي ضرورت آهي، جتي اسلام آباد طاقت جو واحد مرڪز نہ هجي ۽ صوبائي راڄڌانيون بہ اختيار ڪي ضلعي ۽ تعلقي سطح تائين محدود نہ ڪن. حقيقي وفاقيت تڏهن قائم ٿيندي جڏهن عام شهري ڪي پنهنجي ڳوٺ، شهر ۽ ضلعي ۾ حڪومت جي موجودگي محسوس ٿئي. ان لاءِ نوان نقشا ٺاهڻ ڪان اڳ پراڻي حڪمراني جي طريقي ڪي درست ڪرڻ ضروري آهي.

ٿرجي ترقي جيڪڏهن واقعي هڪ ڪامياب تجربو آهي تہ ان مان سکڻ گهرجي، ان ڪي سياسي فخر يا مخالفن تي تنقيد جو ذريعو بڻائڻ بدران قومي پاليسي جو حصو بڻائڻ گهرجي. ساڳئي طرح اسلام آباد جا مسئلا بہ صرف اسلام آباد جا مسئلا ناهن، اهي سڄي وفاق جي انتظام، معيشت، سياست ۽ ادارن سان لاڳاپيل آهن. پاڪستان جو مستقبل وڌيڪ صوبن جي تعداد ڪان وڌيڪ ان ڳالهہ سان وابستہ آهي تہ موجوده آئين، ادارا، وسيلا ۽ اختيار عوام جي خدمت لاءِ ڪيتري ايمانداري ۽ اثرائتي نموني استعمال ٿين ٿا.

اڄ ملڪ ڪي هڪ ٻئي سان مقابلو ڪندڙ صوبن يا سياسي جماعتن ڪان وڌيڪ هڪ اهڙي گڏيل سوچ جي ضرورت آهي، جنهن ۾ ٿرجي ترقي اسلام آباد لاءِ مثال بڻجي، اسلام آباد جي پاليسي صوبن لاءِ اعتماد جو سبب بڻجي ۽ صوبائي خودمختياري مقامي سطح تي عوام جي حقيقي اختيار ۾ تبديل ٿئي. جيڪڏهن نظام ۾ خاميون آهن تہ انهن جي اصلاح آئيني ۽ جمهوري طريقي سان ٿيڻ گهرجي; ۽ جيڪڏهن ڪنهن علائقي ۾ سٺو تجربو ٿيو آهي تہ ان ڪي سڄي ملڪ تائين پهچائڻ ئي ان تجربي جي اصل ڪاميابي هوندي.

ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ وارا آپشن عوامي ناهن!

وزير علي سرڪي

الائي جي چا جو وزير آهي. خير.. وزير مطلب وزير. راڻا ثناءالله چوي ٿو تہ: "پي ٽي آئي آف دي رڪارڊ جيڪي مطالبا ڪندي آهي سي مڃڻ جوڳا ناهن. ان معاملي ۾ صدر ڪي اعتماد ۾ ونبو." چا ڪيس هن نظام تي عدم اطمينان آهي؟ چيبو تہ هاڻي ڪي پي ڪي صوبي تي گورنر، ان جا گهرياتي ۽ گورنمينٽ ملازم راڄ ڪندا! پوءِ ڀلا عوامي راڄ معنا جمهوريت جي جهڳي جو چا ٿيندو؟ جيڪا سمورن نظامن جي سهڻي مور نياڻي آهي يعني خلق جي حڪومت، خلق طرفان ۽ خلق لاءِ. وري اهي آهن پي ٽي آئي جي پهلوانن جا حال. چون ٿا اهڙي قدم خلاف ۽ عدل لاءِ اسلام آباد جي اعلي عمارتن اندر وڃبو. اڳ ۾ ٿي چيائون ايئن ڪيو ويو تہ گائيڊ هائوس جو گهيرو ڪبو. وفاقي حڪومت چوي ٿي تہ ڪي پي ڪي جي صوبائي حڪومت ناڪام ٿي چڪي آهي. خدا جي خلق اجان دهشتگردي جي نرغي ۾ آهي ۽ ڪابينا ويٺي چرغا ڪائي. انهي راڄ پاڳ لاءِ وزيراعظم اعلي سطحي مشاورت پيو ڪري. زمين جي سطح ڪان مٿي تخت تي ويهي سست صلاحون ڪبيون تہ حتمي فيصلو اچي پراوا پٽ ڪندا. محسن نقوي ڪان عطا طارڙ تائين سمورن وزيرن بدامني تي غور ڪيو پر فڪر نہ. عمل مشڪل ٿو لڳي. چوڻ ۽ ڪرڻ ۾ فرق صاف ظاهر آهي. ٻين ميمبرن وفاقي گهرو وزير ڪي آئيني معاملن بابت آگاهہ ڪيو. آرٽيڪل 233 ۽ 234 جي مچ جي چڙنگن جي روشني ۾ "موڊ آف" غور پيو تي يعني وفاق اڻ تڻ ۾ آهي تہ چا ڪجي. سچي ذميواري پي پي گورنر ڪريم ڪندي تي وڌي اٿن تہ تنهنجي تجويز تي هڪ نہ ٻيو سخت قدم ڪڻبو. سو پيپلزپارٽي پڻ پريشان آهي تہ گورنر ڪي چا صلاح ڏجي تہ هيئن ڪر هوئين نہ ڪر. سرڪار جي همنوا پي پي پي ٿي چوي تہ اسان سان رابطو ڪيو ويو (يا ڪيو بہ ويو هوندي) تہ آئين تحت صلاحون ڏبيون. پر ڪين خبر ناهي چا تہ حڪومت پاڻ آئيني مهارت رکي ٿي ۽ سٽن وچ ۾ سچ (بٽوين دي لائينز ٽرٿ) چوجي تہ گورنمينٽ غور ڪري تہ منت آهي. باخبر ذريعن موجب اها واقعي حقيقت آهي تہ ڪي پي ڪي جي وڏي وزير جي پنهنجي ضلعي ۽ آس پاس جي علائقن ۾ امن امان ناقص آهي. شهري شام ڪان پوءِ گهرن کان ٻاهر نٿا نڪرن. تنهن تي ڪنهن پوڳائي چيو تہ ماڻهو تہ هوئين بہ شام بعد رات جو پنهنجن غريب خانن ۾ ننڊون ڪري مزو وٺندا آهن. حڪومت جي خيال ۾ پي ٽي آئي رڳو هڪڙي فرد خاطر اسلام آباد تي چڙهائي پئي ڪري پر ٻين سببن ۽ خرابين جي ڪري عام ماڻهو ويچارا تيل جي ڪڙهائي ۾ پيا پچن پران الميي جو ڪيس ڪو اونو ڪونهي. خبرن مطابق ڪي پي ڪي ۾ صوبائي حالتن ڪي ڏسندي گورنر راڄ آئين کان ٻاهر ناهي. ها پر ڪهڙي خبر تہ ڪنهن جو ڪهڙو ڪم آئين جي اندر آهي. ايمرجنسي لڳي تہ وزيراعظم عظيم جتي جي صلاح مصلحت سان ڪم ڪندو. اپاهج عوام جو علاج ڪهڙي اسپتال ۾ ڪير ڪرائيندو؟ جيڪڏهن گورنر عملي سوڌو راڄ ڪندو تہ عوامي راڄ واري صوبائي سرڪار جو چا ٿيندو؟ قبائلي سردارن جي مک سرواڻ ملڪ خان مرجان وفاق ۽ ڪي پي ڪي وچ ۾ ٽياڪڙي ڪندي چيو آهي تہ ڇڪتاڻ گهٽايو. معنا تہ وڌايو پر ڪجهہ گهٽ. گهٽ تہ ويچاري پي ٽي آئي جي شوڪت يوسف زئي سان بہ نہ ٿي آهي. پريس ڪانفرنس ۾ سڏڪا ڀري روئيندي ٻڌايائين تہ ڪيس گاريون ڏئي غداري ۽ وڪامجڻ جا الزام لڳايا ويا آهن. هن چيو: "مون تہ لانگ مارچ تي خدشا ڏيکاري ڪو ڪبيرا گناهہ تہ نہ ڪيو. سهيل آفريدي مون ڪي خراب چئي خوار ڪيو. سوشل ميڊيا پڻ ڏڪارو ڪيو." لڳي ٿو تہ همراهہ بيحد حساس انسان آهي، سنڌس خيال رکجي ۽ ڪيس دم دلاسا ڏئي گڏ ڪٽي هلجي. سنڌ جي شرجيل ميمڻ هميشا وانگر هلا گلا ڪندي چيو آهي تہ: "عمران جي آزادي تي اعتراض ناهي، باقي صوبن جي ڳالهہ ڪي نو لفٽ ڪجي." آهي تہ اهو اڌ سچ پر اسان اعتبار ڪريون ٿا. عرض آهي تہ قبلا شروع ڪان ان تي اعتراض نہ هو تہ وارو ڪريو هينئر قيد مان ڪيڊرايوس ايئن نہ ٿي تہ پارٽي ڪي ڪٿان ڪو گفٽ ملي پوي تہ ان جو موقف ئي بدلجي وڃي. تازو راولپنڊي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڊي جي آئي ايس پي آر چيو آهي تہ: "رياست ئي جمهوريت آهي. فوج جو سياست سان ڪو واسطو ناهي." تمام سٺو! جي تونظر نيڪ. تہ بسم الله ئي بس ٿي. احمد شريف چوڌري جي ڳالهہ ٻولهہ مان ثابت ٿئي ٿو تہ سچ پچ فوج جي سياست ۾ دلچسپي ناهي ۽ نہ وري ڪو تعلق. حقيقت بہ اها آهي تہ جيڪڏهن ملڪ جا اهم شعبا سياست، عدليا، سپاهہ ۽ صحافت پروفيشنل رهن تہ جيڪر ملڪ ۾ ڪو مسئلوئي باقي نہ رهي. دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ ۾ جمهوريت ڪامياب ئي پروفيشنل ازم جي ڪري آهي. جمهوريت جا چارئي ٿنيا انتظاميا، مقننا، عدليا ۽ ميڊيا هڪ ٻي جي معاملن ۾ مداخلت نہ ڪندا تہ رياست ۽ حڪومت جو نظام صاف سٿرو هلندو ۽ پيچيدگيون پيدا نہ ٿينديون. سيئي ڪم بغير رڪاوٽ جي ٿيندا رهندا تہ نہ رڳو عوام انصاف ملڻ تي مطمئن ۽ خوش رهندو ۽ واسطيدار ادارن جا سربراهہ ۽ عملو بہ بنا ڪنهن سياسي يا غير سياسي پريشر جي سچائي سان پنهنجي ڪم ۾ مصروف رهندا ۽ سندن ضمير بہ اطمينان محسوس ڪندو. اهڙن عملي ڪمن جي نتيجي ۾ سماج ۾ سڌارو ايندو ۽ چڱن ڪمن ۾ واڌارو ٿيندو. خلق خوشحال ٿيندي، نظام بي نقص هوندو تہ ناقص شئيون ختم ٿي وينديون ۽ ماڻهو هر احتجاجي موقعي تي ٻڙڏڪ مچائڻ ۽ نچڪو ٽپڪو ڪرڻ بدران مغربي ملڪن وانگر اخلاقيات جي حدن ۾ رهي پنهنجيون شڪايتون سرڪار وٽ نوٽ ڪرائيندا. اهو ئي آهي جمهوريت جو حسن ۽ ان جي تقاضا. ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ ڪان جان ڇٽي پوندي. ايمرجنسي ۽ گورنر راڄ وارا آپشن آئيني چون هجن پر عوامي ناهن اسان ڪي آئين ۽ قانون جو خيال لازمي رکڻ گهرجي ۽ عوامي تڪليفن ۽ پريشانين ڪي بہ وسارڻ نہ گهرجي. جمهوريت بهترين سرشتو آهي پوءِ پارلياماني هجي يا صدارتي. اسان ڪي سچو ٿي سوچڻ ۽ عمل ڪرڻ کپي تہ سڀ ٺيڪ ٿي ويندو. پر جي خدا نہ ڪري حال اهو ئي رهيو تہ پوءِ پنهنجو خدا ئي حافظ آهي.

سوين جانيون وڃائيندڙ قومي شاهراهہ آخر ڪڏهن مڪمل ٿيندو!!؟

اعجاز ممنائي

نيشنل هاءِ وي (خاص طور تي ساهتيءَ / نوشهروفيروز واري حصي) ڪي مقامي ماڻهو وڌندڙ حادثن ۽ جاني نقصان سبب "خوني شاهراهہ" چوندا آهن. هتي اڪثر خطرناڪ حادثا پيش ايندا رهيا آهن. جن ۾ ڪيترائي معصوم ماڻهو اجل جو شڪار ٿيندا رهن ٿا. سنڌ ۽ پنجاب ڪي ملائيندڙ ملڪ جي معيشت جي شاهہ رڳ سڏجندڙ قومي شاهراهہ اڄ موت جي شاهراهہ بڻجي چڪي آهي. روزانو اخبارن جي سرخين ۾ هن شاهراهہ تي ٿيندڙ خوني حادثا، سڙندڙ لاش، ۽ ماتم جون داستانون معمول بڻجي ويون آهن. هي روڊ هاڻي روڊ نہ رهيو، پر هڪ ڪليل قبرستان بڻجي ويو آهي. هن روڊ هزارين ڪهاڻيون ۽ سوين جنازا ڏنا آهن هڪ سال ڪان وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي پر دولتپور ڪان راڻيپور جي نيشنل هائي وي جي تعمير جو ڪم سست رفتاري سبب رولڙي جو شڪار آهي هن قومي شاهراهہ 55_N انڊس هاءِ وي ۽ (65_N) جي حالت اهڙي آهي جو مسافر رستي تي چڙهندي الامان الامان جون تسبيحون پڙهڻ لڳن ٿا ڇوتہ ڪين خبر آهي ان رستي تي ٿيندڙ سفر غير محفوظ آهي.

گذريل هڪ سال جي انگن اکرن تي نظر وجهجي تہ دل ڏڪي وڃي ٿي. هن اڪيلي پٽي تي سوين قيمتي جانيون ضايع ٿي چڪيون آهن. ڪٿي تيز رفتار ڪوچ ٽرالر سان ٽڪرائجي ٿي، ڪٿي موٽر سائيڪل روڊ جي کڏن ۾ ڪري تباهہ ٿئي ٿي، تہ ڪٿي رات جي اونداهي ۾ ڦرجي وارادات دوران مسافرن ڪي گوليون هڻي قتل ڪيو وڃي ٿو. گذريل ڏينهن نوشهرو فيروز ۾ هڪ ئي خاندان جا پنج ماڻهو موت جو ڪاڄ بڻجي ويا ۽ سندن ڪار ٽريلر هيٺان اچي چيڀاٽجي ويئي جڏهن تہ ساڳي وقت مورو پرسان موٽر سائيڪل ۽ ٽريلر جي ٽڪر ۾ بہ عورتون فوت ٿي ويون نيشنل هائي وي هڪ وڏي عرصي ڪان تباهہ حال هو جنهنجو مرامتي ڪم نهايت سست رفتاريءَ سان هلڻ ۽ پلاننگ نہ هئڻ سبب ڪيڏي ساڄي پاسي ڪٽ لڳايا ٿا وڃن تہ وري ڪٿي کابي پاسي ڪٽ لڳايا ٿا وڃن نيشنل هائي وي روڊ تي ڏڳها ڏڳها کڏا پيل آهن. هڪ کڏ ڪان بچڻ لاءِ ڊرائيور گاڏي ٻئي پاسي ڪري ٿو تہ سامهون ايندڙ گاڏي سان ٽڪرائجي وڃي ٿو. هي ون_وي روڊ اڄ بہ ڊبل نہ ٿي سگهيو آهي. رات جو هن روڊ تي ڪٽڪ، ڪنڌ ۽ چانورن سان ڀريل اوور لوڊ ٽرڪون ۽ ٽرالر موت جو سبب بڻيل رهن ٿا. انهن جي تيز روشني (HD) لائيٽون سامهون ايندڙ ڊرائيور ڪي انڌو ڪري ڇڏي ٿي. افسوس جو ٽريفڪ پوليس ۽ موٽروي پوليس رشوت وٺي انهن ڪي ڇڏي ڏين ٿا ۽ عوام عذاب ۾ زندگي گذاري ٿو هن قومي شاهراهہ تي نہ ڪو اسٽريٽ لائيٽ آهي، نہ ڪو ٽراما سينٽر، نہ ڪا ايمرجنسي سروس آهي. حادثو ٿيڻ ڪان پوءِ زخمي ڪلاڪن تائين روڊ تي تڙپي تڙپي جان ڏئي ڇڏين ٿا. مورو نوشهرو فيروز پريا ڪنڊيارو ۽ هالاڻي جهڙن وڏن شهرن جي اسپتالن ۾ هڪ بہ نيورو سرجن يا ٽراما سرجن موجود ناهي ۽ ايمرجنسي ۾ هڪ اسپتال ٻي اسپتال ڏي ريفر ڪري پنهنجي جان ڇڏائين ٿا انهيءَ سڄي خطرناڪ روٽ جي اسپتالن اندر ايمرجنسي ۾ نہ سي ٽي اسڪين مشين آهي ۽ نہ ايڪسري جي سهولت آهي ايتري تائين جو اسٽاف ۽ دوائن جي کوٽ ۽ ايمبولنس نہ هجڻ جون شڪايتون اينديون رهيون آهن مورو قومي شاهراهہ تي سُدوجا ويجهو خوفناڪ حادثو، تيز رفتار ڊمپ گاڏي جو سامهون ايندڙ موٽر سائيڪل ڪي زوردار ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ معصوم نينگر، نوجوان ۽ هڪ عورت اجل جو شڪار ٿي ويا، هڪ عورت زخمي ٿي پئي. حادثي ۾ فوت ٿيندڙن جي سڃاڻپ نوجوان عجيب علي چانديو پٽ علي محمد، مسمات گلان زال علي محمد ۽ پنج سالن جي فراز پٽ اياز چانديو جي نالي سان ٿي، جڏهن تہ زخمي عورت جي سڃاڻپ غلام ڪبريٰ زال اياز چانديو طور ٿي. حادثي جو شڪار ٿيل ڪچي جي ڳوٺ عبدالغني چانديو تعلقو ڪنڊيارو ضلعي نوشهروفيروز جا هيا. فوتين جا لاش ۽ زخمي ڪي مورو تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي قانوني ڪارروائي گهرجون پوريون ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيا ويا جڏهن تہ زخمي عورت جي ملم پٽي ڪئي وئي. مورو جي سياسي سماجي قومپرست ڌرين شهرين موجب قومي شاهراهہ تي جاري روڊ جي تعميراتي ڪم ۾ ٺيڪيدار جي حد ڪان وڌيڪ لاپرواهي ۽ ڪم جي سست رفتاري سبب روزانو قيمتي انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن. نيشنل هاءِ وي اٿارٽي ۽ موٽروي پوليس بہ مڪمل طور تي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ ۾ ناڪام آهن. ٽريفڪ ضابطن تي ڪو عمل ناهي. نتيجي ۾ شاهراهہ موت جو کڏ بڻجي وئي آهي ٺيڪيدار جي بي حس رويي، غير معياري ڪم ۽ روڊ تي لڳل اٽپورو انتظام انساني زندگين لاءِ خطرو بڻيل آهي. پر اٿارٽي ۽ لاڳاپيل ادارا اڃا تائين خاموش تماشائي بڻيل آهن. هاڻي سوال اهو آهي تہ انهن سوين جنازن جو ذميوار ڪير آهي؟ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي (NHA) جيڪا هر سال اربين روپيا ٽول ٽيڪس جي نالي تي وصول ڪري ٿي؟ يا اسان جا چونڊيل نمائندا جيڪي اليڪشن وقت هن روڊ ڪي ڊبل ڪرڻ جا واعدا ڪري پوءِ اسيمبلين ۾ وڃي خاموش ٿي وڃن ٿا؟ انهن ڪڏهن بہ هن ظلم ۽ ناانصافين خلاف آواز ناهي اٿاريو هي معصوم لاش بہ ڪنهن ماءُ جا جگر هوندا ڪنهن ونيءَ جو واحد سهارو هوندو ڪنهن پيءُ جون آسون ۽ اميدون هونديون آخر هن ڏاڍ ظلم ۽ قتل عام جو قصوروار ڪنهن ڪي ڪجي؟ ساهتي واسي سوال ڪن ٿا تہ نيشنل هاءِ وي تي چيني ڪمپني ۽ مقامي پيٽي ٺيڪيدار ڪمپني جي نااهلي ۽ سست رفتاري سبب خوني بڻيل روڊ ڪيئي معصوم جانيون ڳڙڪائي ويو، ڪيترائي معذوري ڀوڳين پيا. انهن جي خون بها، علاج معاوضي ۽ هرجاڻي جو فيصلو ڪير ڪندو!؟ هي روڊ هاڻي صرف روڊ جو مسئلو ناهي، هي انساني حقن جو مسئلو آهي. هي سنڌ جي ماڻهن سان ماتيجي ماءُ وارو سلوڪ آهي، حڪومت وقت ڪي گهرجي تہ هن قومي شاهراهہ جي ڪم ڪي فوري طور مڪمل ڪيو وڃي. روڊ تي غير قانوني ڪٽ ۽ اوور لوڊنگ تي مڪمل پابندي لڳائي وڃي. هر 50 ڪلوميٽر تي هڪ جديد ٽراما سينٽر ۽ ريسڪيو 1122 جو مرڪز قائم ڪيو وڃي جيستائين هي قدم نہ کنيا ويا، تيستائين هي قومي شاهراهہ ائين ئي سوين معصوم جانيون ڳڙڪائيندو رهندو ۽ اسان صرف افسوس ڪندا رهنداسين.

بقايا 01 ***

استحڪام وڏي مشڪل سان حاصل ڪيو ويو. هن چيو تہ اها قوم جي خواهش ۽ هر پاڪستاني جي آواز آهي تہ پاڪستان ڪي هڪ عظيم ملڪ بڻايو وڃي، پر بدقسمتي سان ڳالهين ڪي ڪامياب بڻائڻ لاءِ اسان جون ڪوششون نتيجا نہ ڏئي سگهيون. وزيراعظم چيو تہ هڪ طرف ملڪ ۾ ترقي ۽ خوشحالي جو عمل جاري آهي، تہ ٻئي طرف احتجاجن سبب برآمدات، درآمدات ۽ پيداواري شعبي جي متاثر ٿيڻ جو خدشو آهي. ڌرڻن ۽ احتجاج جي سياست جو پهريون نشانو ملڪي معيشت بڻجندي. شهباز شريف چيو تہ ڇا ترقي جو ڦيٿو ٻيهر روڪڻ ملڪ دشمني ناهي؟ هوش ڪان ڪم وٺو ۽ ڌرڻا ختم ڪريو ڇا توهان پاڪستان جي عالمي ساک ڪي نقصان پهچائڻ چاهيو ٿا؟ هن واضح ڪيو تہ مارچ ۽ ڌرڻا ختم ڪيا ويندا تہ پي ٽي آءِ سان ڳالهين لاءِ تيار آهيون.

بقايا 02 ***

گهڻ رخي نظام ۽ گڏيل قومن جي منشور جو مضبوط حامي آهي، عالمي امن ۽ سلامتي ۽ تڪرارن جي حل لاءِ ڪردار ادا ڪندا رهنداسين. گڏيل قومن ڪي عالمي تڪرارن ۽ بحرانن ڪي منهن ڏيڻ جي لاءِ مرڪزي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي، پارت پاڻي ڪي هٿيار جي طور تي استعمال ڪرڻ ڪان پاسو ڪري ۽ سنڌ طاس معاهدي تحت پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري جڏهن تہ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ تڪرار دوران ڳالهہ ٻولهہ جي لاءِ ثالث جي طور تي ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ تي پاڪستان جي قيادت ڪي ساراهيندي ان ڳالهہ تي زور ڏنو آهي تہ سمورين ڌرين تڪرار ختم ڪن، سفارتڪاري طرف واپس اچن ۽ عالمي قانون موجب ساموندي اڄ وچ جي حقن ۽ آزادين ڪي مڪمل بحال ڪن. اهڙن خيالن جو اظهار هنن اڱاري ڏينهن هتي گڏيل پريس ڪانفرنس ڪي خطاب ڪندي ڪيو. محمد اسحاق ڊار چيو تہ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش جي پاڪستان جي دوري جي آجيان ڪريون ٿا، سندس دورو پاڪستان ۽ گڏيل قومن جي وچ ۾ پراڻي ۽ ويجهي تعاون جو مظهر آهي، ان سان گهڻ رخي نظام جي لاءِ اسان جي گڏيل عزم ۽ عالمي چئلينجن ڪي منهن ڏيڻ جي لاءِ گڏيل تعاون جي پڻ عڪاسي ٿئي ٿي، پاڪستان جي گڏيل قومن سان ڪم ڪرڻ جي هڪ ڊگهي تاريخ آهي ۽ پاڪستان گهڻ رخي نظام جو مضبوط حامي آهي. هن چيو تہ اسان گڏيل قومن جي چارٽر ڪي برقرار رکڻ، ان تي عملدرآمد، عالمي امن ۽ سلامتي ۽ امن قائم ڪرڻ جي لاءِ تعاون ۽ عالمي چئلينجن ڪي منهن ڏيڻ جي لاءِ گهڻ رخي نظام ڪي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ مسلسل ڪوششون ڪري رهيا آهيون. گڏيل قومن سان پراڻو ۽ ويجهو تعاون مضبوط بڻائڻ جي لاءِ پرعزم آهيون. اسحاق ڊار چيو تہ اسان گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي قيادت ۽ گهڻ رخي نظام، عالمي قانون، ڳالهہ ٻولهہ ۽ تڪرارن جي پرامن حل جي لاءِ انجي اصولي عزم ڪي ساراهيون ٿا هو پاڪستان جو عظيم دوست آهي، اسان 2022 ع جي تباهي آڻيندڙ ٻوڏ دوران پاڪستان جي عوام سان سندس يڪجهتي ۽ بحالي ۽ نئين سر تعمير جي لاءِ عالمي امداد جي حوالي سان سندس تعاون ڪي ڪڏهن بہ نہ وساريندا سين. هن چيو تہ گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل سان پاڪستان ۽ گڏيل قومن جي تعاون، موجوده عالمي چئلينجن ۽ عالمي ۽ علائقائي معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي جن ۾ عالمي ۽ علائقائي سيڪيورٽي صورتحال، اولهہ ايشيا، وچ اوڀر ۽ فلسطين، ڏکڻ ايشيا، جموں ۽ ڪشمير، افغانستان، دهشتگردي، امن مشنز جي مستقبل، عالمي ترقي، موسمياتي تبديلي ۽ گهڻ رخي نظام جو مستقبل شامل آهي. هن چيو تہ پاڪستان هن وقت سلامتي ڪائونسل جو چونڊيل ميمبر آهي، پاڪستان خاص طور تي ڳالهہ ٻولهہ، سفارتڪاري، تڪرارن جي پرامن حل ۽ عالمي امن ۽ سلامتي جي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي. هن چيو تہ سلامتي ڪائونسل جي قرارداد 2788 ڳالهہ ٻولهہ، ثالثي ۽ تڪرارن جي پرامن حل جي اهميت ڪي اجاگر ڪري ٿي، اسان قرارداد تي عملدرآمد جي لاءِ سيڪريٽري جنرل جي ڪوشش ڪي ساراهيون ٿا، گڏيل قومن ڪي عالمي تڪرارن ۽ بحرانن ڪي منهن ڏيڻ جي لاءِ مرڪزي ادا ڪرڻ گهرجي ۽ سفارتڪاري ڪي ڪامياب ٿيڻ جو هر ممڪن موقعو ڏيڻ گهرجي. اسان ان سلسلي ۾ پاڪستان جي ڪوشش تي بہ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي آهي. پاڪستان نارخطي ۾ ڳالهہ ٻولهہ ۽ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ فعال ۽ تعميري ڪردار ادا ڪيو آهي، ٽڪراءِ بدران تعاون، تڪرار بدران ڳالهہ ٻولهہ ۽ طاقت جي استعمال بدران پرامن حل ڪي فروغ ڏنو آهي، اسان پاڪستان جي ثالثي ڪوشش ۽ سفارتي ڪردار جي لاءِ سيڪريٽري جنرل جي حمايت ڪي ساراهيون ٿا، پاڪستان گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل جي يو اين 80 قدم جي حمايت ڪري ٿو، اسرندڙ ملڪن جون ترجيحون ۽ خدشا گڏيل قومن جي ايجنڊا ۾ مرڪزي حيثيت رکن ٿا، اسان ان ڳالهہ تي يقين رکون ٿا تہ گڏيل قومن ڪي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ ڪوششون وڌايون وينديون. پاڪستان گڏيل قومن جي مقصدن ڪي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ميمبر ملڪن سان گڏجي ڪوششون ڪندو رهندو هن چيو تہ اسان جمون ۽ ڪشمير تڪرار ۽ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن موجب ان تڪرار جي حل لاءِ گڏيل قومن جي مسلسل موقف ڪي ساراهيون ٿا. اسحق ڊار چيو تہ هن گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ڪي پارت پاران سنڌ طاس معاهدي ڪي هڪطرفي طور تي معطل رکڻ جي معاملي ڪان بہ آگاهہ ڪيو آهي جيڪو عالمي قانون جي ڪليل خلاف ورزي آهي، اسان ان ڳالهہ ڪي يقيني بڻائڻ تي زور ڀريو آهي تہ پارت پاڻي ڪي هٿيار جي طور تي استعمال ڪرڻ ڪان پاسو ڪري ۽ سنڌ طاس معاهدي موجب پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير چيو تہ هن پاڪستان ۾ دهشتگردي جي حملن جي لاءِ افغان سرزمين جي مسلسل استعمال جو معاملو پڻ اجاگر ڪيو آهي، مون ڪي اميد آهي تہ گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل ۽ عالمي برادري انهن چئلينجن ڪي منهن ڏيڻ جي لاءِ مدد ڪندا. پاڪستان گڏيل قومن جي منشور، مقصدن ۽ اصولن جي فروغ جي لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندو گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش چيو تہ گڏيل قومون پاڪستان ڪي يڪجهتي ۽ حل جو ذريعو سمجهي ٿو پاڪستان مشڪل حالتن ۾ بہ همدرديءَ ۽ ذميواري جو مظاهرو ڪيو آهي، پاڪستان لکين افغان پناهگيرن جي ميزباني ڪئي، ڏهاڪن تائين تڪرارن ڪان متاثر لکين افغانين جي لاءِ دروازا ڪليل رکيا، گڏيل قومون افغانين جي رضاڪاراڻي، باوقار ۽ محفوظ واپسي جي حمايت ڪري ٿو پاڪستان عالمي سطح تي مباحثن ۾ پنهنجو اهم ۽ ضروري موقف پيش ڪري ٿو هن چيو تہ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ ڳالهہ ٻولهہ جي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ تي پاڪستان جي قيادت ڪي سلام پيش ڪريان ٿو ان سلسلي ۾ پاڪستان جون ڪوششون ساراهہ جوڳيون آهن ۽ انهن ئي ڪوششن جي نتيجي ۾ 17 جون تي اسلام آباد مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ٿيون، جنگبندي تي ۽ مستقبل ۾ ڳالهہ ٻولهہ جي لاءِ فريم ورڪ تيار ڪيو ويو هر پاڪستاني ڪي ان اهم ڪردار تي فخر هجڻ گهرجي. هن چيو تہ سمورين ڌريون تڪرار ختم ڪن، سفارتڪاري طرف واپس اچن ۽ عالمي قانون موجب ساموندي اڄ وچ جي حقن ۽ آزادين ڪي مڪمل بحال ڪن. هن چيو تہ فلسطيني عوام ڪي خودمختياري جو حق ڏيڻ ڪانسواءِ خطي ۾ پائيدار امن قائم نہ ٿو ٿي سگهي، ان خطي ۾ بہ امن ۽ سلامتي ڳالهہ ٻولهہ ۽ تعاون سان ئي ممڪن آهي، پاڪستان گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۾ ٻن سالن ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ گهڻ رخي نظام ڪي مضبوط بڻائڻ، ڳالهہ ٻولهہ ۽ ثالثي جي اهميت ڪي اجاگر ڪيو آهي، پاڪستان گڏيل قومن جي امن دستن ۾ ڊگهي عرصي ڪان نمايان ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ پاڪستان جي بهادر اهلڪارن دنيا ۾ امن جي لاءِ پنهنجي جانين جا نذرانا پڻ پيش ڪيا آهن، اسان انهن جي قربانين ڪي خراج عقيدت پيش ڪريون ٿا، گڏيل قومن جي قرارداد 2823 جي تياري جي لاءِ پاڪستان ۽ ڊينمارڪ جو قابل ڪردار آهي، هن چيو تہ 156 ملڪن قرارداد جي سرپرستي ڪئي جيڪا سلامتي ڪائونسل جي تاريخ ۾ آنگ ۾ سڀ ڪان وڌيڪ آهي. هن چيو تہ پاڪستان دهشتگردي جي ڪري وڏو جاني نقصان برداشت ڪيو آهي، گڏيل قومون پاڪستان سان گڏ بيٺل آهي، 2022 ع ۾ پاڪستان ڪي ٻوڏ ڪان شديد نقصان ٿيو اهڙي تباهي ان ڪان اڳ ۾ مون ڪڏهن نہ ڏٺي پر پاڪستان جي عوام صورتحال ڪي منهن ڏيڻ جي لاءِ ڀرپور يڪجهتي ۽ عزم جو مظاهرو ڪيو عالمي سطح تي ڪاربن گئسن جي اخراج ۾ معمولي حصو هجڻ جي باوجود پاڪستان موسمياتي تبديلين ڪان سڀ ڪان وڌيڪ متاثر ملڪن ۾ شامل آهي. ان ڪان اڳ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريس سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ فلسطين، جمون ۽ ڪشمير، افغانستان سميت علائقائي ۽ عالمي امن ۽ سلامتي بابت معاملن، دهشتگردي جي خاتمي ۽ گهڻ رخي نظام جي مستقبل بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. پرڏيهي آفيس پاران جاري بيان موجب پرڏيهي وزارت ۾ ٿيندڙ ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل ڪي جمون ۽ ڪشمير ۽ سنڌ طاس معاهدي جي حوالي سان پاڪستان جي موقف ڪان آگاهہ ڪيو ۽ سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن موجب جمون ۽ ڪشمير تڪرار جي منصفاڻي ۽ پرامن حل جي لاءِ پاڪستان جي مطالبي جو ورجاءُ ڪيو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ڳالهہ ٻولهہ ۽ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوشش ڪي اجاگر ڪيو، جن ۾ آمريڪا ۽ ايران جي وچ ۾ اسلام آباد ڳالهہ ٻولهہ ۾ پاڪستان جي سهولتڪاري بہ شامل آهي. هن تڪرارن جي حل لاءِ ڳالهہ ٻولهہ ۽ سفارتڪاري ڪي موثر ترين ذريعو قرار ڏيندي ان حوالي سان پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو. گڏيل قومن جو سيڪريٽري جنرل عالمي اداري جي لاءِ پاڪستان جي پراڻي خدمتن سان گڏوگڏ ڳالهہ ٻولهہ، ثالثي ۽ ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي جي فروغ جي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوشش ڪي ساراهيو.

بقايا 03 ***

۽ بندي احسن اقبال رابطو ڪيو آهي. رپورٽ موجب پيٽروليم ليوي ڳالهين جي حوالي سان احسن اقبال لياقت بلوچ ڪي وزيراعظم جو پيغام پهچايو انهي حوالي سان جماعت اسلامي جي نائب امير لياقت بلوچ چيو تہ وزيراعظم شهباز شريف ۽ جماعت اسلامي پاڪستان جي امير جي ملاقات لاءِ ٻئي ڪميٽيون شيڊول طئي ڪنديون. شهباز شريف ۽ حافظ نعيم الرحمان طئي ٿيل شيڊول موجب ملاقات ڪندا، لياقت بلوچ چيو تہ ملاقات جي شيڊول لاءِ جماعت اسلامي ۽ حڪومتي ڪميٽي جي وچ ۾ جلد تفصيل طئي ٿيندا. وزيراعظم ۽ جماعت اسلامي جي امير جي ملاقات ۾ پيٽروليم ليوي جي خاتمي ۽ عوام ڪي رليف ڏيڻ جي معاملي تي ڳالهيون ڪيون وينديون. جماعت اسلامي جي نائب امير چيو تہ حافظ نعيم الرحمان، وزيراعظم سان ملاقات ۾ بجلي جي قيمتن ۾ گهٽتائي ۽ آئي پي پيز بابت اهم معاملن تي بہ ڳالهيون ڪندو جماعت اسلامي جو مطالبو آهي تہ ليوي پٽو مڪمل طور تي ختم ڪيو وڃي.

بقايا 04 ***

ٽس ڪي معمولي نقصان پهتو خبرون ڏيندڙ اداري رائٽرز موجب سعودي اختيارين ٻڌايو تہ جازان ۽ نجران ۾ موجود عالمي هوائي اڏن تي حملا اهڙي وقت ڪيا ويا جڏهن سعودي عرب ۽ يمن جي ايران نواز حوثي گروپ جي وچ ۾ جهيڙي ۾ تيزي اچي رهي آهي. سعودي سول ايوي ايشن اختيارين موجب ڪنگ عبدالله بن عبدالعزيز انٽرنيشنل ايئرپورٽ ۽ نجران انٽرنيشنل ايئرپورٽ ڪي پهچندڙ نقصان جو جائزو ورتو پيو وڃي. اختيارين مسافرن ۽ عملي جي حفاظت يقيني بڻائڻ جي لاءِ ضروري قدم بہ کڻڻ شروع ڪري ڇڏيا آهن رپورٽ موجب اهي حملا اهڙي وقت ٿيا جڏهن سعودي حمايت يافتہ يمني حڪومتي فورسز حوثين جي قبضي هيٺ علائقن ڪي واپس وٺڻ جي لاءِ هڪ وڏي فوجي ڪارروائي شروع ڪري رکي آهي اها ڪارروائي حوثين طرفان ڪيل هفتن تائين اڳيرائي ڪان پوءِ شروع ڪئي وئي، جڏهن تہ سعودي عرب ۽ يمني حڪومتي فورسز جي حمايت ۾ فضائي حملن ۾ اضافو ڪري رهيو آهي. حوثين سعودي عرب جي ڪارروائي جي جواب ۾ ميزائل ۽ ڊرون حملا تيز ڪري ڇڏيا آهن. اهڙن حملن ۾ سعودي هوائي اڏن ڪان علاوه تيل جي ٺڪاڻن ۽ فوجي هنڌن ڪي بہ نشانو بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. سعودي جنرل اٿارٽي آف سول ايوي ايشن جو چوڻ آهي

تہ ٻنهي هوائي اڏن جي صورتحال ۽ نقصانن جو جائزو ورتو پيو وڃي. جڏهن تہ شهري هوابازي جي نظام جي سيڪيورٽي ۽ مسافرن، عملي جي تحفظ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن. سعودي عرب ۽ حوثين جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ يمن جي جنگ سان گڏوگڏ خطي ۾ وسيع سيڪيورٽي صورتحال تي بہ ڳڻتي وڌائي ڇڏي آهي.

بقايا 05 ***

سان مشروط نہ ڪيو وڃي. اڊيالا جيل ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي بئريسٽر گوهر چيو تہ هو اڳ بہ اهو موقف اختيار ڪري چڪا آهن تہ اڄ نہ تہ سڀاڻي ڌريون ڳالهين جي ميز تي ويهي سگهن ٿيون ۽ ڪنهن حل تائين پهچڻ تائين ڳالهين جو سلسلو جاري رهڻ گهرجي، هن چيو تہ ڳالهين ۾ وقفو اچڻ ئي نہ گهرجي ها، ڌريون مسلسل ۽ باقاعدگي سان ويهن، ضرور ڪو نہ ڪو حل نڪري ايندو واضح رهي تہ پي ٽي آءِ ۽ حڪومت وچ ۾ جمعي ۽ ڇنڇر تي ڳالهين جا ٻہ دور ٿيا، جيڪي ناڪام ٿيڻ ڪانپوءِ تحريڪ انصاف خيبرپختونخوا جي ضلعي لڪي مروت مان لانگ مارچ شروع ڪيو اڄ وزيراعظم شهباز شريف چيو هو تہ جيڪڏهن پاڪستان تحريڪ انصاف لانگ مارچ ۽ ڌرڻو ختم ڪري تہ حڪومت ويهي ڳالهين لاءِ تيار آهي. ان تي ردعمل ڏيندي بئريسٽر گوهر چيو تہ ڳالهين ڪي لانگ مارچ سان مشروط نہ ڪيو وڃي. هن ان تاثر ڪي بہ رد ڪري ڇڏيو تہ ڳالهين جي ناڪامي جي ذميواري خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سهيل آفريدي تي لاڳو ٿئي ٿي. بئريسٽر گوهر موجب، تحريڪ انصاف اڳ ئي واضح ڪري ڇڏيو هو تہ هو رڳو فوٽو سيشن لاءِ ڳالهين ۾ شرڪت نہ ڪندي، پر سنجيدا ۽ نتيجا ڏيندڙ ڳالهين جي خواهشمند آهي. هن چيو تہ حڪومت ۽ مخالف ڌر ڪي پنهنجا خدشا ميز تي رکي، ڪيترن ئي گڏجاڻين ۾ انهن تي تفصيلي ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ گهرجي ها. بئريسٽر گوهر جو چوڻ هو تہ تحريڪ انصاف بنا ڪنهن اڳواٽ شرط جي حڪومت سان ڳالهين واري عمل ۾ شامل ٿي، پر حڪومت سنجيدگي ۽ وڏي دلي وارو رويو نہ ڏيکاريو، جيڪو هن عمل لاءِ ضروري هو.

بقايا 06 ***

جو رڪارڊ طلب ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تي وڪيلن ڪي دليل ڏيڻ لاءِ پڻ طلب ڪري ورتو عدالت عليم خان، عظمي خانم ۽ ٻين جوابدارن جي عبوري ضمانت جي درخواستن تي ٻڌڻي 6 نومبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ٻڌڻي دوران اڳوڻو وفاقي وزير اسد عمر، فواد چوڌري، مسرت چيمہ سميت ٻيا جوابدار عدالت ۾ پيش ٿيا، جڏهن تہ عدالت اعظم سواتي جي هڪ ڏينهن جي حاضري ڪان ڇوٽ واري درخواست منظور ڪري ورتي. واضح رهي تہ جوابدارن خلاف 9 مئي جي واقعن دوران جناح هائوس، عسڪري ٽاور ۽ مسلم ليگ (ن) جي آفيس کي باهہ ڏيڻ سميت ٻين واقعن بابت ڪيس داخل ٿيل آهن.

بقايا 07 ***

سي جي ڊائريڪٽر سائمن اينڊريوز ملاقات ڪئي جنهن ۾ آءِ ايف سي جي پاڪستان جي پرنسپل ڪنٽري آفيسر ناز خان بہ موجود هو ملاقات ۾ نجي شعبي جي ترقي، سرمائيڪاري ۽ مالي سهولت تائين پهچ وڌائڻ جي لاءِ آءِ ايف سي جي جاري ۽ امڪاني مدد تي ڳالهيون ٿيون. محمد اورنگزيب پاڪستان سان آءِ ايف سي جي مسلسل پائيداري ۽ نجي شعبي جي لاءِ مالي مدد جي تعريف ڪندي چيو تہ ڪاروباري ماڻهو ننڍي ۽ وچولي درجي جي ڪاروبار، زراعت، سستي رهائش ۽ سرڪاري، نجي شعبي جي پائيداري اهم ترجيحات آهن ناڻي واري وزير چيو تہ حڪومت جو ڌيان بهتر معاشي استحڪام ۽ سرمائيڪارن جي وڌندڙ ڀروسي ڪي وڌيڪ سرمائيڪاري ۽ نجي شعبي جي قيادت ۾ پائيدار ترقي ۾ تبديل ڪرڻ تي آهي. ملڪي ۽ عالمي نجي سرمائيڪاري جي لاءِ سازگار ماحول ۽ مالي سهولت تائين پهچ وڌائڻ ضروري آهي. ملاقات ۾ آءِ ايف سي ڪاوباري ماڻهن جي لاءِ نوان فنڊ قائم ڪرڻ تي اڳيرائي ڪان ناڻي واري وزير ڪي آگاهہ ڪيو آءِ ايف سي موجب نئين فنڊ جو مقصد پاڪستان ۾ ڪاروباري ماڻهن ۽ اسٽارٽ اپس ڪي هٿي ڏيڻ آهي. هوڏانهن سستي رهائش جي شعبي ۾ گهرن جي فراهمي وڌائڻ جي لاءِ تعميراتي منصوبن جي مالي مدد جي امڪانن تي بہ ڳالهيون ٿيون. جڏهن تہ زرعي شعبي جي لاءِ آءِ ايف سي جي ايگري ڪنيڪٽ قدمن جي تحت تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ملاقات ۾ زرعي جنسون محفوظ رکڻ جي بهتر سهولت ۽ اليڪٽرانڪ ويئر هائوس رسيدن جي ضمانت جي طور تي استعمال ڪري مالي سهولت تائين پهچ وڌائڻ تي ڳالهيون ٿيون ناڻي واري وزير هارين ۽ زرعي شعبي جي لاءِ قرض ۽ نجي سرمائيڪاري تائين پهچ آسان بڻائڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ملاقات ۾ سرڪاري، نجي شعبي جي پائيداري جي ذريعي پاڻي ۽ بجلي جي شعبن ۾ منصوبن تي بہ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ناڻي واري وزير ڪي پاڻي جي معيار ۽ محفوظ فراهمي بهتر بڻائڻ جي قدمن ڪان آگاهہ ڪيو ويو جڏهن تہ بجلي جي ورهاست ڪندڙ ڪمپنين ۾ ميٽرنگ نظام جديد بڻائڻ جي قدمن تي بہ ڳالهيون ٿيون. ڌرين سرڪاري ۽ نجي شعبي جي پائيداري سان خدمتون بهتر بڻائڻ، نقصان گهٽ ڪرڻ ۽ بنيادي ڍانچي ۾ سرمائيڪاري وڌائڻ جي امڪانن جو جائزو ورتو مقامي ڪرنسي ۾ مالي مدد وڌائڻ ۽ نجي شعبي جي منصوبن لاءِ ڊگهي مدي وارن مالي وسيلن جي فراهمي بهتر بڻائڻ تي بہ خيالن جي ڏي وٺ ٿي.

بقايا 08 ***

هاءِ ڪورٽ قانوني وارثن جو تعين ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. لاهور هاءِ ڪورٽ جي جسٽس طارق سليم شيخ مقتولا ثميره بي بي جي قتل ڪيس ۾ جوابدار مقصود احمد جي درخواست تي 9 صفحن تي ٻڌل لکت وارو فيصلو جاري ڪري ڇڏيو. عدالت سيشن جج بهاولنگر ڪي شاهد ۽ ممتاز احمد جي متضاد دعوائن جي مڪمل جاچ، لاڳاپيل دستاويزن ۽ شاهدين جو رڪارڊ تيار ڪري 3 هفتن اندر رپورٽ هاءِ ڪورٽ ۾ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو فيصلي موجب ثميره بي بي ڪي 5 جون 2018 ع تي چڪ قاسما ۾ ڪهاڙي جا وار ڪري قتل ڪيو ويو هو مقتولا جي والد الله ڏتي جي درخواست تي ٿاڻي تخت محل بهاولنگر ۾ ڪيس داخل ڪيو ويو ٽرائل ڪورٽ 15 مئي 2019 ع تي مقصود احمد ڪي تعزيرات پاڪستان جي قلم 302 (ب) تحت عمرقيد ۽ 2 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي هئي، جڏهن تہ شريڪ جوابدار نياز احمد ڪي بري ڪيو ويو هو جوابدار سزا خلاف هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو ۽ اپيل دوران مقتولا جي والدين سان صلح جي بنياد تي ضابطہ فوجداري جي قلم 345 تحت بريت جي درخواست داخل ڪئي. صلح جي موقعي تي مقتولا جي قانوني وارث هجڻ بابت تڪرار سامهون آيو مقتولا جي والدين شاهد ڪي ثميره جو مڙس قرار ڏنو جڏهن تہ ممتاز احمد دعويٰ ڪيو تہ شاهد سان ثميره جي شادي فيملي ڪورٽ ذريعي ختم ٿي چڪي هئي ۽ هن 17 آگسٽ 2017 ع تي ثميره سان شادي ڪئي، تنهن ڪري هو سندس قانوني مڙس ۽ وارث آهي. هاءِ ڪورٽ قرار ڏنو تہ قتل جي ڪيس ۾ صلح ۽ حق قصاص تان دستبرداري لاءِ حقيقي قانوني وارثن جي رضامندي بنيادي شرط آهي. جيڪڏهن قانوني وارث هجڻ بابت تڪرار موجود هجي تہ عدالت لاءِ ضروري آهي تہ پهريان جاچ ڪرائي حقيقي وارثن جو تعين ڪري. عدالت سپريم ڪورٽ جي فيصلي جو حوالو ڏيندي قرار ڏنو تہ قانوني وارثن جو تعين بہ ان ئي عدالت ڪي ڪرڻ گهرجي، جنهن آڏو صلح جي درخواست ٻڌڻي هيٺ هجي ۽ هاءِ ڪورٽ چيو تہ سيشن عدالت ٻنهي دعويدارن جي موقف ۽ شاهدين جو مناسب جائزو نہ ورتو ۽ ڪين هڪ ٻئي جي شاهدين تي مڪمل جرح جو موقعو پڻ فراهم نہ ڪيو فيصلي ۾ وڌيڪ قرار ڏنو ويو تہ جيڪڏهن شاهدين مان قتل غيرت جي نالي يا غيرت جي بهاني تي ثابت ٿيو تہ تعزيرات پاڪستان جي قلم 311 تحت رڳو وارثن جي صلح جي بنياد تي جوابدار جي بريت لازمي نہ هوندي، پر عدالت تعزيري سزا پڻ ڏئي سگهي ٿي. هاءِ ڪورٽ قانوني وارثن جي تعين تائين صلح جي درخواست تي حتمي فيصلو ملتوي ڪندي معاملو سيشن جج بهاولنگر ڏانهن واپس موڪلي ڇڏيو ۽ 3 هفتن اندر رپورٽ طلب ڪري ورتي.

بقايا 09 ***

ڪ پرڏيهي قوت لاءِ جاسوسي جي الزام ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. جرمن فيڊرل پراسيڪيوٽر آفيس موجب، آگسٽ هيننگ 1998 ع ڪان 2005 ع تائين جرمن فيڊرل انٽيليجنس سروس "بي اين ڊي" جو سربراهہ رهيو ۽ ان ڪانپوءِ هو خانگي صلاحڪار طور ڪم ڪري رهيو هو پراسيڪيوٽرن جو الزام آهي تہ هن هڪ پرڏيهي انٽيليجنس سروس لاءِ "جاچ جو تجزيو" ڪرڻ جي مقصد سان گڏجي استعمال ڪئي ۽ هڪ ٻي پرڏيهي انٽيليجنس سروس سان رابطي ۾ رهيو ان باوجود تحقيق ڪندڙن اڃا تائين اهو ظاهر ناهي ڪيو تہ ان معاملي ۾ ڪهڙيون پرڏيهي قوتون ملوث آهن. ان ڪانسواءِ پوليس بي اين ڊي جي هڪ اڳوڻي اهلڪار مينفريڊ ڊي ڪي پڻ گرفتار ڪيو آهي، جنهن تي الزام آهي تہ هو مارجي ويلن ۾ ايف بي آر جا 2 اهلڪار ۽ 2 شهري شامل آهن. هن پئسن عيوض هيننگ ڪي لڳ ڀڳ 2 هزار ڳجها دستاويز فراهم ڪيا. مينفريڊ ڊي تي بہ غداري ۽ جاسوسي ۾ سهڪار جا الزام لڳايا ويا آهن. مقامي ميڊيا جي رپورٽن موجب، آگسٽ هيننگ کي منسٽر پرسان نوردوالڊ ۾ سندس رهائشگاهہ تان گرفتار ڪيو ويو جڏهن تہ مينفريڊ ڊي کي باويريا مان حراست ۾ ورتو ويو.

بقايا 10 ***

يڪيري ۽ آبي وسائل سعود بن حمود بن احمد الحبيسي سان ملاقات ٿي جنهن ۾ صوبي مان اسڪلڊ ورڪر جي مسقط اچڻ تي پابندي ختم ڪرڻ جي تجويز تي اتفاق ڪيو ويو عمان جي زراعت، ماهيگيري ۽ آبي وسائل واري وزير سعود بن حمود بن احمدالحسيبي جو مريم نواز طرفان پرجوش استقبال ڪيو ويو عمان جي وزير يو اين بي بي ٽيٽ اسڪورل آف آنر ايوارڊ حاصل ڪرڻ تي وزيراعليٰ مريم نوازشريف ڪي مبارڪباد ڏني. ملاقات ۾ پنجاب ۽ عمان جي وچ ۾ ايگريڪلچر، فشريز ۽ واٽر ريسورس ۾ گڏيل تعاون جي امڪانن جو جائزو ورتو ويو جڏهن تہ ٻنهي حڪومتن جي وچ ۾ زراعت، فشريز ۽ لائيو اسٽاڪ سميت ٻين شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق ڪيو ويو وزير زراعت سعود بن حمود پنجاب ۾ پهريون شريمپ سينٽر قائم ڪرڻ جي آڇ ڪئي جڏهن تہ ڪير ۽ گوشت جي لاءِ چوپائي مال جي ايڪسپورٽ وڌائڻ جي لاءِ قدم کڻڻ تي اتفاق ڪيو ويو وزيراعليٰ مريم نوازشريف مسقط ڪي پنجاب مان ميٽ ايڪسپورٽ جي آڇ ڪئي. وزيراعليٰ مريم نوازشريف پنجاب ڪان اسڪلڊ ورڪر جي مسقط اچڻ تي پابندي ختم ڪرڻ جي لاءِ قدمن جي تجويز ڏني جنهن جي زراعت واري وزير ويزا پابندي ختم ڪرڻ جي تجويز تي اتفاق ڪيو.

بقايا 11 ***

وارادات هڪ هفتو اڳ ڪئي وئي هئي، جڏهن تہ عاشق سولنگي جي اغوا جو ڪيس پڻ داخل ڪرايو ويو هو پوليس جو چوڻ آهي تہ قبر کوٽي لاش ڪڍي پوسٽ مارٽم ڪرايو ويندو جڏهن تہ قتل جي سببن بابت گرفتار جوابدار ڪان وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا 12 ***

ڪري ڇڏي آهي. پوليس موجب ٽاڻي يونيورسٽي ٿاڻون جي حدن ۾ نامعلوم هٿياربند موٽرسائيڪل سوارن فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا مارجي ويا. پوليس اختيارين جو چوڻ آهي تہ مارجي ويلن ۾ ايف بي آر جا 2 اهلڪار ۽ 2 شهري شامل آهن. ٻئي طرف ڊي آءِ خان جي گلستان چوڪ هاءِ وي تي بہ موٽرسائيڪل سوارن پوليس موبائل تي فائرنگ ڪئي، جنهن جي نتيجي ۾ هڪ پوليس اهلڪار مارجي ويو، جڏهن تہ ٻيو اهلڪار زخمي ٿي پيو پوليس موجب فائرنگ جي واقعن بابت جاچ شروع ڪئي وئي آهي.

بقايا 13 ***

ي. ذريعن موجب مريض ڪي گذريل ڏينهن ڪراچي جي جناح اسپتال آندو ويو جتي سندس جسم ۾ منڪي پاڪس سان ملندڙ جلندڙ علامتون ظاهر ٿيون. بعد ۾ مريض ڪي وڌيڪ چڪاس ۽ علاج لاءِ جناح اسپتال مان سنڌ انفيڪشيئس ڊزيز اسپتال منتقل ڪيو ويو ذريعن جو چوڻ آهي تہ مريض ۾ منڪي پاڪس جي تصديق لاءِ ٽيسٽ ڪيا پيا وڃن، جن جا نتيجا اچڻ ڪانپوءِ حتمي صورتحال واضح ٿيندي. مريض جي وارثن موجب ڪيس اڳ ئي گردن جي بيماري آهي، جڏهن تہ سندس تازو پرڏيهي سفر جو ڪو رڪارڊ ناهي. صحت کاتي جي ذريعن موجب هلندڙ سال سنڌ ۾ منڪي پاڪس جا 40 ڪان وڌيڪ ڪيس تصديق ٿي چڪا آهن. اختيارين موجب منڪي پاڪس ۾ بخار، جسم تي داڻا يا ڇالڙا، جسم ۾ سور ۽ سوجن سميت مختلف علامتون ظاهر ٿي سگهن ٿيون. بيماري جي تصديق ٿيڻ تائين شڪي مريض سان غيرضروري ويجهو رابطي ڪان پاسو ڪرڻ ۽ طبي ماهرن جي هدايتن تي عمل ڪرڻ ضروري آهي.

بقايا 14 ***

۾ اهم اڳيرائي ٿي آهي. پوليس موجب گذريل هفتي گڏاپ جي علائقي ۾ قائم فارم هائوس تي نوڪري لاءِ آندل ڇوڪرين جا موبائل فون چوري ڪرڻ ۾ ملوث مک جوابدار جي بن سڳن پائرن ڪي حراست ۾ ورتو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي تہ مک جوابدار جي لوڪيشن پڻ ٽريس ڪئي وئي آهي، واقعي ڪانپوءِ جوابدار جي اصل موبائل نمبر جي لوڪيشن گوجرانوالا مان ٽريس ٿي، جڏهن تہ مک جوابدار جي ڇئن پائرن مان ٻن ڪي حراست ۾ ورتو ويو آهي. پوليس حراست هيٺ ورتل پائرن جي مدد سان مک جوابدار سان فون تي ڳالهہ ٻولهہ پڻ ڪئي، جنهن دوران جوابدار پنهنجي موجودگي ڪشمير ۾ ظاهر ڪئي. پوليس دعويٰ ڪئي آهي تہ مک جوابدار کي جلد گرفتار ڪيو ويندو واضح رهي تہ ڪجهہ ڏينهن اڳ ڪراچي ۾ موبائل فون چوري ڪري فرار ٿيڻ جو منفرد واقعو پيش آيو هو جنهن ۾ ايونٽ آرگنائيزر نوڪري لاءِ گهرايل 50 ڪان وڌيڪ عورتن جا ڪيترائي موبائل فون کڻي فرار ٿي ويو هو.

بقايا 15 ***

ارب 70 ڪروڙ رپين جي خساري سان سڀ ڪان اڳيان رهي، جڏهن تہ او جي ڊي سي ايل 73 ارب رپين جي منافعي سان پهرين نمبر تي رهيو حڪومت خساري ۾ هلندڙ سرڪاري ملڪيت وارن ادارن ڪي 804 ارب رپين جي مالي سهائتا فراهم ڪئي، جيڪا گذريل عرصي جي مقابلي ۾ 31 سيڪڙو وڌيڪ آهي. رپورٽ موجب گذريل مالي سال جي پهرين ڇهن مهينن دوران 23 سرڪاري ملڪيت وارن ادارن (ايس او ايز) جو مجموعي خسارو 342 ارب 80 ڪروڙ رپيا رهيو.

بقايا 16 ***

ي. مسئلي جو حل طاقت بدران ڳالهين ۽ گڏيل ڪوشش سان ڳولڻ گهرجي. لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي اسد عمر چيو تہ گذريل سال خيبرپختونخوا حڪومت سمورين سياسي پارٽين تي ٻڌل جرڳو گهرايو هو. ان جرڳي جي پڌرنامي جي بنياد تي دهشتگردي جي مسئلي جو حل ڳولڻ گهرجي. هن چيو تہ هر مسئلو ڪل ناهي هوندو ۽ هر مسئلي جو حل هٿوڙو بہ ناهي هوندو، ان ڪري حالتن ڪي سمجهندي مناسب طريقي سان مسئلا حل ڪرڻ گهرجن. واضح رهي تہ اڳوڻي وفاقي وزير اسد عمران ڪان اڳ بہ چيو هو تہ حڪومت پي ٽي آءِ ڪي پٽ سان لڳائي ڇڏيو آهي. صوبن جي قيام بابت ڳالهائيندي اسد عمر جو چوڻ هو تہ نوان صوبا ٺاهڻ جي عمل ۾ پي ٽي آءِ باني ڪي بہ گڏ رکڻ گهرجي، ڇو تہ باني پي ٽي آءِ جي شموليت ڪانسواءِ نون صوبن جو تصور مڪمل نٿو ٿئي.

بقايا 17 ***

لاءِ اسلام آباد تي چڙهائي ڪرڻ جو ڪو جواز نٿو بڻجي. جڏهن تہ دهشتگردي جي ڪري سڀ ڪان وڌيڪ متاثر صوبي ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ۽ ڪرپشن عروج تي آهي. هڪ بيان ۾ زاهد خان چيو تہ احتجاج لاءِ سرڪاري وسيلن جو بي دريغ استعمال ڪيو پيو وڃي ۽ هي پهريون پيرو ڏسي رهيو آهي تہ ڪو وڏو وزير پاڻ تحريڪ هلائي رهيو آهي. هن چيو تہ دهشتگردي جا تانا بانا دهلي ۽ ڪابل تائين ملن ٿا، تنهن ڪري خيبرپختونخوا حڪومت ڪي ڪنهن ڪان هدايتون وٺڻ بدران صوبي جي عوام جي مسئلن تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. زاهد خان جو چوڻ هو تہ وڏي وزير ڪي احساس ناهي تہ صوبي جي عوام جو ڇا ٿيندو عوام مينڊيٽ ڏنو آهي تہ انهن جي مسئلن تي ڌيان ڏنو وڃي. هن چيو تہ مسئلن جو حل ويهي ڳالهين ذريعي ڪڍيو ويندو آهي، ان ڪري حڪومت ڪي عوام جي مسئلن جي حل لاءِ ڌيان ڏيڻ گهرجي.

بقايا 18 ***

ي سهولتن جي بهتري تي توجهہ ڏني پئي وڃي. پورٽ قاسم ڪان ايم نائن تائين لنڪ روڊ، ريڊ لائن ۽ يلو لائن سميت اهم منصوبن تي ڪم جاري آهي. هڪ بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو تہ ڪراچي پورٽ ڪان قيوم آباد تائين ايليويٽيڊ ايڪسپريس وي جهڙا منصوبا پورٽ ۽ صنعتي علائقن ڪي اهم شاهراهن سان ڳنڍڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. ڪراچي پورٽ ڪان قيوم آباد ڪوريڊور جو مقصد اثرائتو رابطو قائم ڪرڻ، شهري رستن تي هيوي ٽريفڪ جي دٻاءُ ڪي گهٽ ڪرڻ ۽ معاشي سرگرمين ڪي هٿي ڏيڻ آهي. هي منصوبو ڪراچي پورٽ ڪي قيوم آباد ۽ شاهراهہ ڀٽو ذريعي ايم نائن ۽ ٻين اهم رابطن سان ڳنڍڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندو هن چيو تہ سنڌ حڪومت جو ويزن جديد ڪراچي جي جوڙجڪ ۽ شهري سهولتن ڪي هڪ مربوط نظام تحت ترقي ڏيڻ آهي. ڪراچي صرف سنڌ ئي نہ پر سڄي پاڪستان جو معاشي مرڪز آهي، ان ڪري شهر جي بنيادي ڍانچي ۾ سيڙپڪاري دراصل ملڪ جي معاشي ترقي ۾ سيڙپڪاري آهي.

بقايا 19 ***

ز ڪي پيٽا پيش ڪئي. هن ڪارروائي دوران 5 خوارج جي مارجي وڃڻ ۽ 2 جي زخمي ٿيڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي بهادري ۽ پيشورانہ صلاحيتن ڪي ساراهيو صدر زرداري چيو تہ سيڪيورٽي فورسز جون بروقت ۽ اثرائتيون ڪارروايون دهشتگرد عنصرن جا مقصد ناڪام بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. صدر چيو تہ فتنہ الخوارج خلاف ڪارروايون دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين جاري رهنديون.

بقايا 20 ***

۽ آئيني آهن. دنيا جي سموري دولت ڏئي بہ مون ڪي خريد نٿو ڪري سگهجي. سهيل آفريدي وڌيڪ چيو تہ 8 آڪٽوبر تي ٽي ٽوئنٽي ميچ شروع ٿيندو لانگ مارچ جو قافلو هاڻي پشاور بدران خيبر ويندي سهيل آفريدي طرفان روٽ تبديل ڪرڻ جو اعلان وزيراعليٰ خيبر پختونخوا سهيل آفريدي جي قيادت ۾ پي ٽي آءِ جي لانگ مارچ جو ٿيون ڏينهن آهي. ڪوهاٽ ۾ شرڪت ڪندڙن ڪي خطاب ڪندي سهيل آفريدي لانگ مارچ جو روٽ تبديل ڪرڻ جو اعلان ڪيو ۽ چيو تہ لانگ مارچ جو قافلو هاڻي پشاور بدران خيبر ويندي جڏهن تہ باني پي ٽي آءِ جي آزادي تائين لانگ مارچ جاري رهندو سهيل آفريدي جي مختصر خطاب ڪانپوءِ لانگ مارچ جا شرڪت ڪندڙ ڪوهاٽ ڪان ضلعي خيبر ڏانهن روانا ٿي ويا.

بقايا 21 ***

ريڪ ٽي چڪو هو پر وزيراعليٰ خيبرپختونخواهہ جي آخري وقت ۾ شرطن ڳالهين جي ناڪامي جو سبب بڻيون. پريس ڪانفرنس ڪندي طلال چوڌري چيو تہ ڳالهين ۾ شامل اپوزيشن جا ماڻهو پنهنجي پارٽي ۽ سوشل ميڊيا جي تنقيد جي اثر هيٺ رهندا آهن. ڳالهين جي پهرين ڏينهن حڪومت طرفان گهرو وزير خيبرپختونخواهہ ۾ دهشتگردي جو معاملو اٿاريو هو پهرين ڏينهن انهي معاملي تي اتفاق ٿيو ۽ دهشتگردي بابت نڪتن تي ڳالهيون ٿيون. ڳالهين ۾ شامل ڪجهہ ماڻهن خيبرپختونخواهہ جي وزيراعليٰ وٽ وڃي ڳالهيون ڪيون ٻئي ڏينهن ٽيم واپس آئي، هن چيو تہ پهرين ڏينهن ڳالهيون شروع ٿيڻ ڪان اڳ گهرو وزير فون ڪري چيو هو تہ خيبرپختونخواهہ حڪومت جو هڪ شخص ڳالهين ۾ وٺي اچو پر ڳالهين ڪندڙن چيو تہ خيبرپختونخواهہ حڪومت ڪي اسان تي ڀروسو آهي. پهرين ڏينهن جي ڳالهين ڪان پوءِ اپوزيشن اڳواڻ پشاور ويا، اسان ڪي رات جو يقين ڏياريو ويو تہ خيبرپختونخواهہ حڪومت دهشتگردي جي معاملي تي اتفاق ڪري ٿي جنهن ڪان پوءِ وزيراعظم گهرو وزير ڪي چيو تہ اپوزيشن ڪي جيترو سياسي اسپيس ملي سگهي ٿو اهو انهن ڪي ڏنو وڃي. طلال چوڌري ٻڌايو تہ وزيراعظم واضح ڪيو تہ ملڪ جي بهتري گهرجي، پوءِ ڀلي انهي سان اپوزيشن ڪي سياسي فائدو بہ ملي تہ ڪو بہ مسئلو نہ آهي، پر دهشتگردي جي معاملي تي 100 سيڪڙو تعاون گهرجي. ڳالهين جي ٻئي ڏينهن دهشتگردي جي معاملي تي مڪمل اتفاق نظر آيو هو مملڪتي وزير چيو تہ ٻئي ڏينهن پهرين ڊرافٽ ۾ سمورن سياسي معاملن تي اتفاق راءِ ٿي ويو هو انهي ڊرافٽ ۾ پي ٽي آءِ باني جي صحت سميت ٻيا معاملا بہ شامل هئا، هن چيو تہ مان انهي جي ميثاق جمهوريت تو چوندس، اهو هڪ وڏو بريڪ ٿرو هو طلال چوڌري چيو تہ وزيراعظم ۽ آرمي چيف روز جنازن جي ڪلهو ڏيندا آهن. اهو وڏو مشڪل ڪم آهي. روز جنازا اسان ڪٽي رهيا آهيون ۽ جنگ عوام وڙهي رهي آهي.

بقايا 22 ***

قيمتون ادا ڪرڻ دنيا ۽ ملڪ ڪي محفوظ رکڻ لاءِ هڪ "معمولي قيمت" آهي. نيبراسڪا جي شهر گرينڊ آئلينڊ ۾ چوند مهم واري جلسي ڪي خطاب ڪندي ڊونلڊ ٽرمپ دعويٰ ڪئي تہ پيٽرول جون قيمتون جلد گهٽجي 1 ڊالر 85 سينٽ في گيلن ڪان بہ هيٺ اچي وينديون. ٽرمپ موجب پيٽرول جي قيمتن ۾ اها گهٽتائي 3 نومبر تي ٿيندڙ مڊٽرم چونڊن ڪان اڳ يا ان جي فوري طور تي پوءِ ممڪن آهي. جڏهن تہ موجوده تيل جون قيمتون ٻٽيڻ انتظاميا جي دور جي ڀيٽ ۾ گهٽ آهن. آمريڪي صدر چيو تہ آمريڪا دنيا ڪي ممڪن طور تي "بدترين سانحن مان هڪ" ڪان بچائي رهيو آهي. ڊونلڊ ٽرمپ هڪ ڀيرو ٻيهر واضح ڪيو تہ آمريڪا ايران ڪي جوهري هٿيار حاصل ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندو.

بقايا 23 ***

صدر آصف علي زرداري سان ايوان صدر ۾ ملاقات ٿي، جنهن دوران خيبرپختونخوا جي سياسي ۽ سيڪيورٽي صورتحال سميت اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ذريعن موجب، ملاقات دوران محسن نقوي صدر آصف زرداري ڪي خيبرپختونخوا جي صورتحال ۽ گورنر ڪي پي فيصل ڪريم ڪنڊي سان ٿيل ملاقات بابت آگاهي ڏني. ذريعن جو چوڻ آهي تہ ملاقات ۾ ڪي پي ۾ گورنر راڄ ۽ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ سميت مختلف آئيني آپشنز تي بہ غور ويچار ڪيو ويو واضح رهي تہ ان ڪان اڳ محسن نقوي ۽ ڪي پي جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي وچ ۾ ملاقات دوران بہ گورنر راڄ يا ايمرجنسي جي صورت ۾ گورنر هائوس پاران آئيني ڪردار ادا ڪرڻ بابت ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي.

بقايا 24 ***

ہ نچڻ وارا گهوڙا ميدان ۾ ناهن ڊوڙندا. پنهنجي هڪ بيان ۾ هن چيو تہ وزيراعليٰ سهيل آفريدي ڪي هلائيندڙ ئي ڀڳوڙو آهي، جڏهن تہ علي امين گنڊاپور جي پڇڻ جي عادت پراڻي آهي. گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو تہ ڏکئي وقت ۾ ڪارڪن اڳيان هوندا آهن ۽ اڳواڻ پاڻ پوئتي رهجي ويندا آهن. هن چيو تہ علي امين گنڊاپور ٽول پلازا تان واپس ويندي دفعو 144 جو بهانو ڪري رهيو هو فيصل ڪريم ڪنڊي موجب دفعو 144 ڊي آءِ خان جي مخصوص علائقن ۾ مخصوص وقت لاءِ لاڳو هئي، يارڪ ٽول پلازا تي نہ. سندس وڌيڪ چوڻ هو تہ پي ٽي آءِ جي قيادت پنهنجي ئي ڪارڪنن ڪي بيوقوف بڻائڻ ۾ ڪا ڪسر نہ ڇڏي ٿي.

بقايا 25 ***

نگ انجنيئرنگ ڪائونسل عثمان فاروق موجب بجلي جي نظام مان ڪيترائي پاور هائوس ٻاهر ٿي ويا آهن، جن جي 16 آڪٽوبر تائين واپس اچڻ جو امڪان آهي. پاور هائوس بند ٿيڻ سبب بجلي جو شارٽ فال ساڍا 4 هزار ميگاواٽ ڪان وڌي ويو آهي، جنهن سان ليسڪو سميت سمورن ڊسڪوز ۾ صورتحال خراب ٿي وئي آهي. عثمان فاروق ٻڌايو تہ بجلي جي شارٽ فال سبب غير اعلانيل لوڊشيڊنگ 3 ڪان 4 ڪلاڪن تائين پهچي وئي آهي. جڏهن تہ گئس ڪانپوءِ ڊيزل ۽ پاڻي مان بجلي جي پيداوار پڻ گهٽجي وئي آهي. ٻئي طرف ليسڪو ذريعن جو چوڻ آهي تہ طلب وڌڻ سبب شارٽ فال هڪ هزار ميگاواٽ ڪان وڌي ويو آهي ۽ هر ڪلاڪ ڪانپوءِ هڪ ڪلاڪ جي لوڊشيڊنگ جاري آهي. ذريعن موجب ليسڪو چيف جي مطالبي باوجود بجلي جو ڪوٽا وڌائي نہ سگهيو ويو آهي. جڏهن تہ بجلي جو نظام هن وقت خراب صورتحال ڪي منهن ڏئي رهيو آهي ۽ ايندڙ ڪجهہ ڏينهن دوران بدترين لوڊشيڊنگ ڪي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو

بقايا ***

جو عمل جاري آهي، جڏهن تہ پرڏيهي سيڙپڪارن ڪي هر ممڪن سهولت فراهم ڪئي پئي وڃي. هن چيو تہ معيشت ۾ خانگي شعبي جو ڪردار انتهائي اهم آهي، جڏهن تہ پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج تاريخي بلندين تي پهچي وئي آهي. محمد اورنگزيب موجب وچ اوڀر ۾ جاري تڪرار سبب دنيا جون معيشتون متاثر ٿي رهيون آهن. جڏهن تہ موسمياتي تبديلي ۽ وڌندڙ آبادي پاڪستان لاءِ بہ وڏا چئلينج آهن.

بقايا 27 ***

آهي تہ مڪ معاهدي تي پرڏيهي خبرون ڏيندڙ ايجنسي جون رپورٽون افواهن تي ٻڌل آهن. اطلاعات واري وزارت جو چوڻ آهي تہ سعودي عرب جي دفاع تي پاڪستان جو ارادو واضح ۽ سمجهوتي جوڳو آهي گڏيل دفاع جي آپريشن جا تفصيل عملياتي رازداري جو معاملو آهن. اطلاعات واري وزارت موجب اڻ تصديق ٿيل ۽ گمنام ذريعن تي ٻڌل افواهن ڪان پاسو ڪيو وڃي. هٿ ٺوڪين انگن اکرن جي بجاءِ سرڪاري بيانن تي ڀاڙيو وڃي.

بقايا 28 ***

هڪ ارب آمريڪي ڊالر يعني 278 ارب رپين جي سيڙپڪاري ڪئي ويندي. ميئر سکر ۽ ترجمان سنڌ حڪومت بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ ايشين ڊيولپمينٽ بئنڪ جي هيڊڪوارٽر منيلا ۾ منعقد ڪيل ڪلائميٽ ايڊاپٽيشن انويسٽمينٽ پلاننگ فورم (CAIP) ڪي خطاب ۽ ميڊيا سان گفتگو ڪندي چيو آهي تہ حڪومت سنڌ ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جي گڏيل سهڪار سان سنڌ جي پنجن ڊويزنل هيڊڪوارٽرس سکر، حيدرآباد، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص ۽ شهيد بينظيرآباد ۾ شهري ترقي ۽ موسمياتي تحفظ جي منصوبن تي تقريبن هڪ ارب آمريڪي ڊالر يعني 278 ارب رپين جي سيڙپڪاري ڪئي ويندي، جنهن تحت صاف پاڻي، سيوريج، سالڊ ويسٽ مئنيجمينٽ، جديد لينڊ فل سائيٽس، موسمي لحاظ کان محفوظ انفراسٽرڪچر، شجرڪاري، شهري جنگلات ۽ جامع ماسٽر پلان سميت مختلف منصوبا مڪمل ڪيا ويندا: بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو تہ "سنڌ سيڪنڊري سٽيز امپرووومينٽ اينڊ انويسٽمينٽ پروگرام" صوبي جي وڏن شهري ترقياتي منصوبن ۾ شامل آهي، جنهن جو مقصد شهري بنيادي سهولتن جي بهتريءَ سان گڏوگڏ شهرن جي معاشي صلاحيت ڪي هٿي ڏيڻ ۽ نوجوانن، عورتن ۽ ڪمزور طبقات لاءِ روزگار ۽ معاشي موقعا پيدا ڪرڻ آهي. هن چيو تہ پروگرام تحت جديد سائنسي لينڊ فل سائيٽس قائم ڪيون وينديون جنهن ۾ وسيلن جي بازيابي ۽ آمدني پيدا ڪرڻ جا نظام بہ شامل هوندا، جڏهن تہ موسمي تبديليءَ جي اثرن ڪان محفوظ انفراسٽرڪچر، وڻڪاري ۽ شهري جنگلات، عالمي معيار جا ماسٽر پلان ۽ مختلف شعبن جا تفصيلي ترقياتي منصوبا بہ تيار ڪيا ويندا. ميئر سکر چيو تہ پروجيڪٽ ريڊينيس فنانسنگ سان لاڳاپيل دستاويز تقريبن مڪمل ٿي چڪا آهن ۽ جلد شايع ٿيڻ جي اميد آهي، جڏهن تہ پروگرام ۾ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ جا منصوبا بہ شامل ڪيا ويندا تہ جيئن شهري خدمتن ۾ بهتريءَ سان گڏ مقامي ادارن (بلدياتي ادارن) لاءِ پائيدار آمدنيءَ جا ذريعا پيدا ڪري سگهجن ۽ ميونسپل ڪارپوريشنون آهستي آهستي مالي طور پاڻيرو ٿي سگهن. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ سکر لاءِ 20 لک آمريڪي ڊالرجي گرانٽ جي منظوريءَ ڪي اهم اڳيرائي قرار ڏيندي 'دي راڪ فيلر فائونڊيشن'، برطانوي حڪومت ۽ ايشيائي ترقياتي بئنڪ جو شڪريو ادا ڪيو هن چيو تہ اربن ريزيليئنس ٽرسٽ فنڊ تحت سکر جي ڪلائميٽ اينڊ ايڊاپٽيشن انويسٽمينٽ پلاننگ لاءِ منظور ٿيل اها رقم مڪمل طور گرانٽ آهي، قرض ناهي، جنهن جي واپسي يا سروس چارجز عائد نہ ٿيندا. هن چيو تہ نومبر 2026 ع ۾ بين الاقوامي ڪنسلٽنٽس سکر ۾ ڪم شروع ڪندا، جن جي مدد سان سيڙپڪاريءَ لاءِ تيار منصوبا جوڙيا ويندا، وڌيڪ مالي وسيلا حاصل ڪرڻ جا موقعا پيدا ٿيندا ۽ شهري بنيادي سهولتن سميت سخت گرميءَ جي اثرن ڪان تحفظ لاءِ ڊگهي عرصي تائين رٿابندي ڪئي ويندي. هن قدم ۾ گهٽ آمدني واري خاندانن ۽ ڪچين آبادين جي رهاڪن سميت ڪمزور طبقات جي تحفظ ڪي خاص اهميت ڏني ويندي. هن چيو تہ موسمي تبديلي دنيا ڪي درپيش سنگين چئلينجن ۾ شامل آهي، سخت گرمي، ٻوڏ ۽ پاڻيءَ جي کوٽ عوامي زندگي، روزگار ۽ بنيادي شهري سهولتن ڪي متاثر ڪيو آهي، ان صورتحال سان منهن ڏيڻ لاءِ موسمي لحاظ کان مضبوط انفراسٽرڪچر ۽ مربوط رٿابندي ناگزير آهي. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو تہ CAIP فورم ۾ حڪومتن جي نمائندن، ترقياتي پائيوارن ۽ بين الاقوامي مالي ادارن شرڪت ڪئي، جتي موسمي تبديليءَ کان محفوظ انفراسٽرڪچر ۽ سيڙپڪاريءَ جي اثرائتن شراڪتي ماڊلن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، پاڪستان، سنڌ ۽ بالخصوص سکر جي نمائندگي ڪرڻ سندس لاءِ اعزاز جي ڳالهہ آهي. هن ٻڌايو تہ اي ڊي بي جي بابت نائب صدر ڏکڻ، وسطي ۽ اولهہ ايشيا ينگ منگ يانگ سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل بلدياتي ادارن سان منصوبن تي وقت سر عملدرآمد لاءِ مڪمل تعاون جي يقين ڏياريو آهي، جيڪا سنڌ جي شهري ترقياتي ۽ موسمي ترجيحن تي عالمي اعتماد جو مظهر آهي. فورم جي موقعي تي بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ نيپال جي صوبي مڌيش جي وڏي وزير ڪرشنا پرشاد يادو سان ملاقات ڪئي ۽ نيپال ۾ تازي ٻوڏ جي نتيجي ۾ قيمتي انساني جانيون ضايع ٿيڻ تي تعزيت جو اظهار ڪيو هن چيو تہ پاڪستان ۽ سنڌ بہ موسمي آفتن جي ڪري پيدا ٿيندڙ مشڪلاتن ڪان بخوبي واقف آهن، ان ڪري عالمي تعاون، موسمي لحاظ کان مضبوط رٿابندي ۽ تجربن جي ڏي وٺ وقت جي اهم ضرورت آهي. بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو تہ پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي قيادت ۾ پيپلز پارٽي ۽ حڪومت سنڌ جو عزم آهي تہ ترقياتي منصوبن ڪي عملي سيڙپڪاريءَ ۾ تبديل ڪري عوام جي زندگين ۾ هميشہ لاءِ بهتري آندي وڃي. هن چيو تہ مقصد ترقياتي خيالن ڪي عملي سيڙپڪاريءَ ۾ تبديل ڪرڻ، شهرن ڪي مضبوط بڻائڻ، موسمي تبديليءَ جي مقابلي ۾ انهن جي استعداد وڌائڻ ۽ ان ڳالهہ ڪي يقيني بڻائڻ آهي تہ ترقيءَ جي سفر ۾ ڪو بہ پوئتي نہ رهجي وڃي. هن ايشيائي ترقياتي بئنڪ، بين الاقوامي ترقياتي پائيوارن ۽ تمام لاڳاپيل ادارن جو شڪريو ادا ڪيو جيڪي سنڌ ۾ موسمي تحفظ، شهري ترقي ۽ عوامي سهولتن جي بهتريءَ لاءِ تعاون ڪري رهيا آهن.

بقايا 29 ***

ذريعن موجب محمود اچڪزئي چيو آهي تہ جيڪڏهن حڪومت رابطو ڪري تہ مثبت جواب ڏنو ويندو. هن چيو تہ حڪومت طرفان رابطي جي صورت ۾ پهرين شرط باني پي ٽي آءِ سان ملاقات هجڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو تہ سندس پيئرن جي آزادي سان حڪومت مثبت اڳيرائي جي شروعات ڪري سگهي ٿي. محمود اچڪزئي جو چوڻ هو تہ جيڪڏهن باني پي ٽي آءِ سان ملاقات نہ ٿي تہ وزيراعظم سان ملاقات بي معني هوندي، جڏهن تہ باني سان ملاقات نہ ٿيڻ جي صورت ۾ وزيراعظم سان ملاقات ڪان انڪار ڪرڻ تي غور ڪري سگهجي ٿو ترجمان تحريڪ تحفظ آئين پاڪستان چيو آهي تہ اپوزيشن اتحاد جو وفد اڄ مولانا فضل الرحمان جي گهر ملاقات لاءِ ويندو وفد ۾ بيرسٽر گوهر، اسد قيصر سلمان اڪرم راجا ۽ علامہ راجا ناصر عباس شامل هوندا. ملاقات دوران خيبرپختونخوا جي صورتحال، حڪومت سان ڳالهين ۽ پارلياماني معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي.

بقايا 30 ***

موجب حڪومت ايل اين جي ڪارگوز جي محفوظ ۽ بنا رنڊڪ گذر گاهہ ڪي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ايراني اختيارين سان رابطو ڪرڻ جي تياري بہ ڪري رهي آهي تہ جيئن ساموندي رستي ۾ ڪنهن بہ قسم جي رڪاوٽ ڪان بچي سگهجي. اها اڳيرائي اهڙي وقت ۾ سامهون آئي آهي جڏهن قطر انرجي پاڪستان ڪي ايل اين جي جي فراهمي تي فورس ميجور جي مدي ۾ 4 نومبر تائين واڌ ڪري ڇڏي آهي. ٻئي طرف اختيارين خدشو ظاهر ڪيو آهي تہ توانائي جي اها معطلي ايندڙ سياري جي موسم دوران بہ برقرار رهي سگهي ٿي جنهن سبب ملڪ ۾ گيس جي بحران ڪي منهن ڏيڻ جي لاءِ فوري ۽ متبادل قدم کنيا پيا وڃن.

بقايا 31 ***

پاڳين جي فائرنگ ۾ هڪ چور مارجي ويو ذريعن موجب مارجي ويل جٽي جي سڃاڻپ حاڪم ڪلهوڙو طور ٿي آهي. واقعي ڪانپوءِ پوليس ڪي اطلاع ڏنو ويو جنهن تي پوليس واقعي واري هنڌ رواني ٿي وئي. پوليس موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ ۽ قانوني ڪارروائي جاري آهي.

بقايا 32 ***

ب حادثي جي اطلاع ملڻ تي اهلڪار واقعي واري هنڌ پهچي ويا، جتان زخمي موٽرسائيڪل سوار ڪي علاج لاءِ اسپتال منتقل ڪيو ويو. اسپتال جي ڊاڪٽرن زخمن جي سٽ نہ سهندي فوت ٿيل موٽرسائيڪل سوار جي موت جي تصديق ڪئي، جڏهن تہ پوليس لاش ضروري قانوني ڪارروائي لاءِ اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو پوليس موجب حادثي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي، جڏهن تہ تيز رفتار ٽرالر ۽ واقعي جي ٻين پاسن بابت پڻ معلومات گڏ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 33 ***

ري ڇڏيو آهي. پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ ٻڌڻي جي دوران جسٽس صاحبزاده اسدالله چيو تہ ڌرين ڪي ٻڌڻ ڪان سواءِ رليف نٿا ڏئي سگهون. پي ٽي آءِ ايم اين ايز جي وڪيل جو موقف هو تہ لانگ مارچ درخواستگذارن جي ٽڪن مان گذرڻ ڏنو وڃي اهي قانون موجب لانگ مارچ ڪي پليڪار چوندا. پي ٽي آءِ اسيمبلي ميمبرن جي وڪيل چيو تہ لانگ مارچ ۾ امڪاني رڪاوٽون نہ وڌيون وڃن، سياڻي جي گنجائش موجود نہ آهي لانگ مارچ جاري آهي. انهي دوران ايڊيشنل اٽارني جنرل عدالت ڪي ٻڌايو تہ درخواست ٻڌڻ جوڳي نہ آهي، لانگ مارچ بابت اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جو حڪم اچي چڪو آهي. ايڊيشنل اٽارني جنرل عدالت ڪان استدعا ڪئي تہ اڄ تياري نہ آهي، انهي ڪيس ڪي سياڻي جي لاءِ رکي ڇڏيو جنهن ڪان پوءِ عدالت ٻڌڻي سياڻي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 34 ***

۾ وڏو بريڪ ٿرو ٿي چڪو هو سياسي معاملن تي اتفاق راءِ لاءِ اڳيرائي بہ ٿي وئي هئي، پر آخري وقت ۾ خيبرپختونخوا جي وڏي وزير جا شرط ڳالهين جي ناڪامي جو سبب بڻيا. پريس ڪانفرنس ڪندي طلال چوڌري چيو تہ ڳالهين جي پهرين ڏينهن ئي خيبرپختونخوا ۾ دهشتگردي جو معاملو اٿاريو ويو جنهن تي ڳالهين ۾ شامل ڌرين اتفاق ڪيو ۽ ان معاملي تي وڌيڪ ڳالهہ ٻولهہ ٿي. هن چيو تہ ڳالهين ۾ شامل ڪجهہ اڳواڻ خيبرپختونخوا جي وڏي وزير سان ملاقات لاءِ پشاور ويا، جتان شرطون پوريون ڪرڻيون پونديون. هن چيو تہ پشاور ۾ لانگ مارچ سبب امتحان ملتوي ڪيا ويا آهن، جڏهن تہ جيستائين اهڙا معاملا ختم نہ ٿيندا ۽ گهرو وزير جي ٽوئيٽ تي مڪمل عمل نہ ٿيندو ڳالهين ڪي اڳتي وڌائڻ ڏکيو هوندو طلال چوڌري وڌيڪ چيو تہ هن ڀيري جيڪا غلط فهمي ختم ٿيندي، ان ڪانپوءِ ملڪ ۾ ٻيهر مارچ نہ ٿيندو هن دهشتگردي جي سهولتڪارن خلاف سختي جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو تہ هاڻي ڪنهن بہ قسم جي نرمي نہ ڪئي ويندي.

بقايا 35 ***

جمع ڪرايا، جڏهن تہ ڪميشن جي معاون تجمل لوڌي ايڊووڪيٽ جوابن جا سيل بند لفافا ڪميشن ۾ جمع ڪرائي ڇڏيا. مير رضا جي وارثن پڻ پوليس آفيسرن لاءِ سوال جمع ڪرايا هئا، جن ۾ 300 ڪان وڌيڪ سوال شامل هئا. ڪميشن چيو تہ جاچ ڪندڙ ادارا خاندان ڪي ڪجهہ معلومات فراهم ڪن تہ ان سان ڪيس جي جاچ متاثر نہ ٿيندي. ٻئي طرف مير رضا جي خاندان جي وڪيل جبران ناصر چيو تہ 9 سيپٽمبر تي پوليس خاندان ڪي ٻڌايو تہ ڊجيٽل ڪرنسي جو ديٽا هٽ ڪيو ويو آهي. جڏهن تہ ساڳئي ڏينهن ڪرپٽو اڪائونٽ جا اسڪرين شاٽ ميڊيا تي هلڻ لڳا. هن چيو تہ پوليس اختيارين پنهنجي ٽيم مان مير رضا بابت ديٽا ليڪ ڪندڙ جو پتو نہ لڳائي سگهيا، ڇا تن ڪان ڇئن ڪروڙ رپين لاءِ ائين ٿي سگهي ٿو؟ ڪميشن ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي 7 آڪٽوبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا عوامي سوچ 01

ي عرصي کان معذور ڪوٽا تحت سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ادارن ۾ درخواستون جمع ڪرائي انٽرويو ڏيندو رهيو آهي پر ڪيس نوڪري ڏيڻ ۾ نظرانداز ڪيو پيو وڃي. دوست علي ٻاگهل الزام لڳائيندي چيو ته معذور ڪوٽا تحت سندس حق نظرانداز ڪري من پسند ماڻهن کي نوڪريون ڏنيون پيون وڃن پر ڪيس آسرا ڏيئي رلايو پيو وڃي هن چيو ته آئون غريب خاندان سان تعلق رکان ٿو ۽ نوڪري ملڻ سان نه رڳو سندس معاشي حالتون بهتر ٿي سگهن ٿيون، پر هو پنهنجي ماءُ پيءُ سميت گهر جو گذر سفر پڻ بهتر نموني هلائي سگهي ٿو هن ڊپٽي ڪمشنر سجاول ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي معذور ڪوٽا تحت سندس حق موجب سرڪاري نوڪري ڏيئي مونسان انصاف ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 02

ميرپور ماٿيلو پوليس ٻه مهينا گذرڻ باوجود گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام هندو برادري جي مکي جي پريس ڪانفرنس اڄ، اڱاري ڏينهن احتجاجي مظاهري ۽ شٽر بند هڙتال جو سڏ ڏئي ڇڏيو تفصيل موجب ٻه مهينا اڳ ميرپور ماٿيلو ٽائي پرسان هندو واپاري لالا درشن منداڻ جي گهر ۾ لڳل ڪروڙين روپين جي ڌاڙي واري واردات جا سي سي ٽي وي فوٽيج ۾ جوابدارن جا چهرا صاف ظاهر هجڻ باوجود ٻه مهينا گذرڻ باوجود ميرپور ماٿيلو پوليس اصل جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي ان سلسلي ۾ هندو پنچائت جي اڳواڻن پاران ايم اين اي خالد احمد خان لنڊ سان ملاقات ڪرڻ بعد مکي نانڪ رام گوپال داس شنڪر لال دليپ ڪمار راجيش تلريجا لالا درشن منداڻ گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته ٻه مهينا گذرڻ باوجود ميرپور ماٿيلو پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪري چوري ٿيل لکين روپين جا سونا زيور روڪ رقم رڪور ڪرائڻ ۾ ناڪام رهي آهي پر اسان ايس ايڇ او توڙي جوايس ايس پي گهوٽڪي سان ڪيترائي ڀيرا ملاقاتون ڪيون آهن پر ڪوبه ڪڙتيل نه نڪتو آهي جنهن سبب سڀاڻي، اڄ ، اڱاري ڏينهن گهوٽڪي ضلعي جي هيڊ ڪوارٽر شهر ميرپور ماٿيلو ۾ شٽر بند هڙتال جو سڏ ڏيون ٿا ۽ هڪ تاريخي ڌرڻو پڻ هنيو ويندو جنهن ڌرڻي ۾ ايم اين اي خالد احمد خان لنڊ پڻ شرڪت ڪندو هن چيو ته اسان سياسي سماجي اڳواڻن توڙي جو شهرين کي ٻه اپيل ڪيون ٿا ته هو اسان جو ساٿ ڏيندي ڌرڻي ۾ شرڪت ڪن ٻي پاسي چئو ٻول آهن لالا درشن لال منداڻ جي گهر ۾ لڳل ڌاڙي جي شڪ ۾ ڪجهه وقت اڳ اوڳٽي ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو شڪ جي بنياد تي درجنين چورن کي گرفتار ڪيو هيو جن کي ڊيٽي ليٽيءَ ذريعي آزاد ڪيو ويو هيو هوڏانهن ياد رهي ته لالا درشن منداڻ جي گهر ۾ لڳل ڌاڙي جا سي سي ٽي وي فوٽيج پڻ پوليس هٽ ڪري ورتا هئا جن ۾ ڌوهارين جا چهرا صاف ظاهر هجڻ باوجود پوليس جوابدارن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي آهي.

بقايا عوامي سوچ 03

جي وائيس چيئرمين ۽ موجوده ايڪٽنگ چيئرمين رانا محمد يامين راجپوت پاران يوسي جي 50 مستحق خاندانن ۾ نلڪا ۽ ٻين سهولتن جي فراهمي جو سلسلو جاري رکيو ويو آهي. ان موقعي تي رانا محمد يامين راجپوت چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي منشور تحت سندس وڏ ڪان وڏ ڪوشش آهي ته يونين ڪائونسل ۾ ترقياتي ۽ عوامي ڀلائي جا وڌيڪ ڪم ڪرايا وڃن ۽ يوسي جي عوام جي خدمت ڪئي وڃي. هن چيو ته ايم پي اي متياري مخدوم فخرالزمان جي سهڪار سان يوسي اڏيرولعل وليج ۾ مختلف ترقياتي ڪمن جو سلسلو وڌيڪ تيز ڪيو ويندو. تقريب دوران اڏيرولعل جي معزز شخصيتن وڏيرو غلام محمد جهيجي خادم حسين خاصخيلي، سينئر صحافي معشوق علي قمبراڻي، صحافي نديم شيخ ۽ ٻين شهرين شرڪت ڪئي. جڏهن ته وڏي انگ ۾ علائقي جا غريب ۽ مستحق ماڻهو پڻ موجود هئا. جن ۾ نلڪا ۽ ٻيو سامان ورهايو ويو.

بقايا عوامي سوچ 04

۾ محمديه قاسميه چوهڙجمالي ۾ منعقد ٿيو اجلاس جي ڪارروائي تعلقه شاهبندر جي ناظم عمومي مولوي منظور احمد حقاني هلائي. اجلاس ۾ امن عالم اجتماع جي تيارين ۽ ٻين تنظيمي معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو ان موقعي تي فيصلو ڪيو ويو ته تعلقه شاهبندر جي سمورن يونٽن جو دورو ڪري ڪارڪنن ۽ ساٿين کي امن عالم اجتماع لاءِ تيار ڪيو ويندو اجلاس ۾ 9 آڪٽوبر تي چوهڙجمالي ٽائون ڪميٽي هال ۾ منعقد ٿيندڙ حمد ۽ نعت جي پروگرام ۾ ساٿين کي ڀرپور شرڪت جي دعوت ڏيڻ جو پڻ فيصلو ڪيو ويو اجلاس دوران دڙي ۾ ڦر دوران شهيد ٿيل معصوم نياڻي مرڪ ميمڻ جي قاتلن کي سخت سزا ڏيڻ جو مطالبو ڪندي چيو ويو ته معصوم نياڻي جي قاتلن کي قانون موجب عبرتناڪ سزا ڏني وڃي. اڳواڻن چوهڙجمالي شهر ۾ وڌندڙ منشيات ۽ بدامني تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي اعلان ڪيو ته منشيات ۽ بدامني جي خاتمي لاءِ جمعيت علماءِ اسلام پاران ڀرپور مهم هلائي ويندي. هنن انتظاميا کان مطالبو ڪيو ته شهر ۾ منشيات جو ڪاروبار فوري طور بند ڪرائي امن امان جي صورتحال بهتر بڻائي شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 05

ي وئي، جنهن ۾ شاگردن وڏي جوش ۽ جذبي سان شرڪت ڪئي. تقريب دوران شاگردن پنهنجي استادن کي سلام پيش ڪندي سندن خدمتن، محنت ۽ شفقت کي ڀيٽا پيش ڪئي. شاگردن پنهنجي استادن کي مختلف تحفا پڻ پيش ڪيا. جڏهن ته استادن جي عزت ۽ عظمت بابت خوبصورت نظم ۽ تقريرون پيش ڪري سندن تعريف ڪئي. ان موقعي تي اسڪول انتظاميا ۽ استادن چيو ته استاد قوم جي مستقبل جا معمار آهن. جيڪي پنهنجي علم، محنت ۽ تربيت ذريعي شاگردن کي هڪ بهتر انسان ۽ ذميوار شهري بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. تقريب ۾ شاگردن جي صلاحيتن کي ساراهيندي چيو ويو ته اهڙيون سرگرميون ٻارن ۾ استادن لاءِ احترام، محبت ۽ ادب جو جذبو پيدا ڪن ٿيون. تقريب جي آخر ۾ شاگردن ۽ استادن گڏجي ٽيچرز ڊي جي خوشي ملهائي ۽ استادن جي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا عوامي سوچ 06

تفصيل موجب ڳوٺ حاجي گهرام خان چانڊيو ۾ شهباز چانڊيو جي 7 سالا ڌيءُ سهوانا چانڊيو گهر ٻاهران بيٺي هئي ته اوچتو ڪتي مٿس حملو ڪيو آوار ڪتي نينگري جي سموري جسم تي چڪ هڻي گوشت پٽي ڇڏيو آهي ڪيس سخت زخمي ڪري وڌو نينگري جي رڙين تي ڳوٺاڻا پهچي ويا ۽ نينگري کي ڪتي کان بچايو زخمي نينگري کي فوري طور تي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي. جتي سندس علاج جاري آهي ٻئي طرف ڳوٺاڻن پاران انتظاميه کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته آواره خطرناڪ ڪتا مار مهم ڪئي وڃي معصوم ٻارڙن جي جان جي حفاظت کي يقيني بڻايو وڃي جڏهن ته ڪجهه وقت اڳ ڪتن جي حملي ۾ معصوم نينگري ۽ هڪ عورت پڻ فوت ٿي چڪي آهي

بقايا عوامي سوچ 07

وران مبينا طور قانوني ڪارروائي ۾ رڪاوٽ وجهڻ واري ڪيس ۾ فيصلو سول ڪورٽ جي جوڊيشل مئجسٽريٽ فرسٽ (JM_I)عبداللطيف ڏاهري جي عدالت منشيات سان لاڳاپيل ڪيس ۾ نامزد اڪبر لغاري سميت 7 جوابدارن بابت فيصلو ٻڌائيندي کين ٽن سالن جي پروبيشن تي رکڻ جو حڪم ڏنو آهي. عدالتي حڪم موجب پروبيشن تي رکيل جوابدارن ۾ علي اڪبر ولد صاحب خان لغاري، شهبار ولد اڪبر لغاري، صاحب خان ولد اڪبر لغاري، انور علي ولد قائم خان لغاري، ماجد ولد علي حسن ٽالپر، رمضان ولد علي احمد خاصخيلي ۽ رحمت الله ولد گل محمد ٽالپر شامل آهن عدالت حڪم ڏنو آهي ته جوابدار ٽن سالن جي پروبيشن واري عرصي دوران پروبيشن آفيسر جي نگراني هيٺ رهندا ۽ عدالت پاران مقرر ڪيل سمورين شرطن تي عمل ڪندا. ياد رهي ته ڪجهه سال اڳ ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ ان وقت جي اي ايس پي عليننا راجپر پاران اڪبر لغاري جي ڳوٺ ۾ منشيات جي مبينا ڪارخاني خلاف ڇاپو هنيو ويو هو. پوليس ڪارروائي دوران مبينا طور قانوني ڪارروائي ۾ رڪاوٽ وجهڻ ۽ مزاحمت جي الزام هيٺ اڪبر لغاري ۽ سندس ساٿين خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو هو. عدالتي رڪارڊ موجب ڪيس جي ٻڌڻي مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ جوڊيشل مئجسٽريٽ فرسٽ عبداللطيف ڏاهري پاران 7 جوابدارن کي ٽن سالن لاءِ پروبيشن تي رکڻ جو حڪم ڏنو ويو عدالتي حڪم تحت جوابدارن کي پروبيشن آفيسر سان سهڪار ڪرڻ، عدالت ۾ حاضري يقيني بڻائڻ ۽ قانوني پابندين جي پاسداري ڪرڻي پوندي، جڏهن ته عدالت جي اڳواٽ اجازت ڪانسواءِ مقرر علائقي کان ٻاهر وڃڻ تي پڻ پابندي هوندي. مقرر ڪيل شرطن جي ڀڃڪڙي جي صورت ۾ جوابدارن خلاف قانون موجب وڌيڪ ڪارروائي ٿي سگهي ٿي. ٽنڊو محمد خان بار ڪائونسل جي صدر ۽ قانوندان ايڊووڪيٽ علي محمد ميمڻ موجب، پروبيشن جو مقصد جوابدارن جي رويي ۽ قانون جي پابندي کي نظر ۾ رکندي کين نگراني هيٺ رکڻ آهي. عدالتي فيصلي ڪانپوءِ منشيات سان لاڳاپيل ڪيسن ۽ قانوني ڪارروائين بابت بحث جاري آهي، جڏهن ته قانوني ماهرن موجب اهڙن ڪيسن ۾ عدالتي حڪمن تي عملدرآمد ۽ قانوني طريقيڪار جي اهميت برقرار آهي

بقايا عوامي سوچ 08

ايس ايس پي ٽنڊو عديل حسين چانڊيو کي سنڌي ثقافتي روايت موجب پٽڪو ٻڌائي سندس آجيان ڪئي وئي. آجياڻي واري تقريب دوران ور شهر جي امن امان سيڪيورٽي صورتحال منشيات جي روڪٿام پوليس گشت واپاري برادري جي تحفظ ۽ ڪاروباري سرگرمين بابت اهم معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان موقعي تي رئيس شير خان چانڊيو، واپاري ايسوسيئيشن ور جي صدر شهنشاهه خواجه، سيٺ صامن داس ويڏاڻي، جان محمد رونجهو ۽ ٻين واپاري توڙي سماجي اڳواڻن شهر جي مختلف مسئلن امن امان جي صورتحال ۽ واپارين کي درپيش مسئلن بابت ايس ايس پي ٽنڊو عديل حسين چانڊيو کي آگاهه ڪيو. واپاري اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ور شهر ۾ رات جي وقت پوليس گشت کي وڌيڪ موثر بڻايو وڃي منشيات جي وڪري ۽ استعمال خلاف ڪارروائين کي تيز ڪيو وڃي ۽ واپاري برادري جي جان مال ۽ ڪاروبار جي تحفظ لاءِ سيڪيورٽي انتظام وڌيڪ مضبوط ڪيا وڃن. ان موقعي تي ايس ايس پي ٽنڊو عديل حسين چانڊيو چيو ته شهرين ۽ واپاري برادري جي جان مال ۽ ڪاروبار جو تحفظ پوليس جي اهم ذميواري آهي هن چيو ته ور شهر ۾ امن امان جي بهتري لاءِ پوليس گشت ۽ نگراني جو نظام وڌيڪ موثر بڻايو ويندو جڏهن ته شهرين ۽ واپارين کي درپيش مسئلن تي ترجيحي بنيادن تي توجهه ڏني ويندي. ايس ايس پي ٽنڊو چيو ته منشيات سميت سمورين سماجي برائين جي خاتمي لاءِ قانون موجب سخت ڪارروائي جاري رهندي ۽ ڪنهن به قسم جي غيرقانوني سرگرمي کي برداشت نه ڪيو ويندو هن وڌيڪ چيو ته پوليس ۽ واپاري برادري وچ ۾ رابطا وڌيڪ مضبوط بڻايا ويندا ڇاڪاڻ ته امن امان جي بهتري ۽ ڏوهن جي روڪٿام لاءِ شهرين جو پوليس سان سهڪار انتهائي اهم آهي. ان موقعي تي ڊي آءِ سي ٽنڊو انچارج فيصل شفيح ميمڻ، ڊي ايس پي ڳاڙهو جنيد، ڊي آءِ بي ٽنڊو انچارج اي ڊي شيخ، ايس ايڇ او گهوڙاٻاري ماجد ڪورائي، پير پٺو انچارج منور پليجو، ور انچارج نجم الدين بلوچ ۽ ٻيا پوليس آفيسر ۽ اهلڪار پڻ موجود هئا. تقريب جي آخر ۾ واپاري برادري ۽ شهر جي معززن پاران ايس ايس پي ٽنڊو عديل حسين چانڊيو کي ور شهر آمد تي ڀليڪار ڪندي اميد ظاهر ڪئي وئي ته پوليس ۽ شهرين وچ ۾ بهتر رابطن سان علائقي ۾ امن امان جي صورتحال وڌيڪ بهتر ٿيندي

بقايا عوامي سوچ 09

ڪندي هڪ دڪان تان ريلوي جو مبينا چوري ٿيل قيمتي سامان هٿ ڪرڻ ۽ ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ريلوي پوليس جي ايس ايڇ او عبدالقادر جعفري موجب گرفتار ڪيل جوابدارن ۾ حنيف پٽ جمع خان عباسي ۽ دلشاد پٽ محمد ابراهيم شيخ شامل آهن جيڪي مبينا طور ريلوي جو چوري ٿيل سامان خريد ۽ وڪرو ڪرڻ ۾ ملوث هئا پوليس موجب ڪارروائي دوران هٿ ڪيل ريلوي سامان جي ماليت لکين رپيا ٻڌائي وڃي ٿي ريلوي پوليس جو چوڻ آهي ته جوابدارن خلاف سرڪار جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي جنهن بعد کين عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالت ٻنهي جوابدارن جو جسماني ريمانڊ منظور ڪري ڇڏيو

بقايا عوامي سوچ 10

اررروائي ڪندي مينهن جا واڙا خالي ڪرائي ڇڏيا جڏهن ته واڙن ۾ موجود مينهون ڪيدرائي ڪيٽل ڪالوني منتقل ڪيون ويون انتظاميا پاران شهرين جي مسلسل شڪايتن ۽ آبادي وارن علائقن ۾ مال جي واڙن سبب پيدا ٿيندڙ مسئلن جو نوٽيس وٺندي ڪارروائين جو سلسلو تيز ڪيو ويو آهي انتظاميا جو چوڻ آهي ته ڊي سي سڪر جي حڪمن تحت روهڙي شهر مان آبادي وارن علائقن ۾ قائم مينهن جا واڙا ختم ڪرايا پيا وڃن جيئن شهر اندر صفائي،ٽريفڪ ۽ شهري ماحول بابت پيدا ٿيندڙ مسئلن تي ضابطو آڻي سگهجي ڪارروائي دوران عملي پاران شهر جي رهائشي علائقن ۾ قائم واڙن بابت مالوندن کي هدايتون پڻ جاري ڪيون ويون ته هو مال کي شهر کان ٻاهر مقرر ڪيل هنڌن تي منتقل ڪن انتظاميا جو چوڻ آهي ته شهر جي گنجان آبادي وارن علائقن ۾ قائم مينهن جا واڙا نه رڳو شهري ماحول لاءِ مسئلو بڻجن ٿا پر انهن سبب صفائي سترائي، گندي پاڻي جي نيڪال ۽ آمدرفت سميت مختلف مسئلا پڻ پيدا ٿين ٿا ان ڪري شهر مان اهڙن واڙن کي ختم ڪري مالوندن کي ڪيٽل ڪالوني منتقل ڪرڻ جو عمل جاري رکيو ويندو انتظاميا واضح ڪيو آهي ته روهڙي شهر اندر باقي رهيل مينهن جي واڙن خلاف پڻ بنا ڪنهن فرق جي قانون موجب ڪارروائي ڪئي ويندي ۽ شهر جي آبادي وارن علائقن مان واڙا ختم ڪرائڻ واري مهم کي اڳتي وڌايو ويندو ٻئي طرف علائقي واسين جو چوڻ آهي ته شهر اندر مينهن جا واڙا قائم ٿيڻ سبب مختلف هنڌن تي گندگي ۽ بدبوءِ سميت ٻين مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو تنهن ڪري انتظاميا پاران شروع ڪيل ڪارروائي کي اثرائتو بڻائي باقي رهيل واڙا پڻ شهر کان ٻاهر منتقل ڪرايا وڃن جيئن شهرين کي درپيش مسئلن مان ڇوٽڪارو ملي سگهي

بقايا عوامي سوچ 11

0 پائونڊ جو ڪيڪ ڪاٽي عمران خان جي ڊگهي عمر، صحت ۽ جلد آزادي لاءِ دعائون گهريون ويون. جڏهن ته ڪارڪنن پاران آزادي جي حق ۾ زوردار نعريبازي ڪئي وئي، تقريب کي خطاب ڪندي انصاف اسٽوڊنٽس فيڊريشن ضلعي صدر ذوالفقار علي ٻبر ۽ صوبائي ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري ڪاشف علي ٻبر چيو ته عمران خان ملڪ جي نوجوانن جي اميد ۽ عوام جي آواز جي علامت بڻجي چڪو آهي، هنن چيو ته عمران خان جي 74هين سالگره اهڙي وقت ۾ ملهائي پئي وڃي، جڏهن هو جيل ۾ آهي. تنهن باوجود سندس نظريي ۽ جدوجهد سان وابسته ڪارڪنن جو حوصلو بلند آهي. هنن چيو ته عمران خان جي آزادي لاءِ سياسي ۽ جمهوري جدوجهد جاري رهندي ۽ انصاف اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا ڪارڪن هر ڏکي گهڙيءَ ۾ پنهنجي قيادت سان گڏ بيٺل آهن. هنن عمران خان جي صحت، سلامتي ۽ جلد آزادي لاءِ دعا پڻ ڪئي، ان موقعي تي ڪاشف علي پنهور، اويس علي جتوئي، رحمان علي پيرزادو، اظهر علي خاصخيلي، پرويز علي شاهاڻي، فريد علي خاصخيلي، امان الله چنو، منور علي ٻبر سميت انصاف اسٽوڊنٽس فيڊريشن جا عهديدار ۽ وڏي انگ ۾ ڪارڪن موجود هئا. جن عمران خان جي حق ۾ نعريبازي ڪندي سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو

بقايا عوامي سوچ 12

تائين مختلف مرحلن تي مبينا طور غيرقانوني رقم وصول ڪرڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن. ملاقات لاءِ ايندڙ ڪجهه وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳايو ته جيل جي مک گيٽ تي مبينا طور 100 کان 200 رپين تائين رقم ورتي وڃي ٿي. جڏهن ته جيل اندر ملاقات لاءِ 1000 کان 1500 سئيو رپين تائين رقم طلب ڪرڻ جون شڪايتون پڻ سامهون آيون آهن. شڪايت ڪندڙ وارثن جو چوڻ آهي ته روزاني جي بنياد نون قيدين کان مبينا رقم ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ قيدين سان ناروا رويو اختيار ڪرڻ ۽ ملاقات ۾ رڪاوٽون پيدا ڪرڻ جون شڪايتون آهن. جڏهن ته مبينا طور رقم ادا ڪندڙ ماڻهن کي اضافي سهولتون فراهم ڪرڻ جا به الزام آهن. وارثن جو وڌيڪ چوڻ آهي ته سينٽرل جيل ۾ نئين جيلر جي مقرري باوجود مبينا طور پراڻو نظام برقرار آهي، جنهن سبب قيدين جي وارثن ۾ ڳڻتي پکڙيل آهي. متاثر خاندانن سنڌ جي آءِ جي جيل خانجات، ضلعي انتظاميا ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ صوبائي وزير جيل علي حسن زرداري کان مطالبو ڪيو آهي ته ميرپورخاص سينٽرل جيل ۾ ملاقات واري نظام جو اوچتو معائنو ڪرائي، ملاقاتن جو رڪارڊ ۽ سي سي ٽي وي فوٽيج چيڪ ڪئي وڃي ۽ جيڪڏهن الزام درست ثابت ٿين ته ذميوار اهلڪارن خلاف قانون ۽ ضابطن موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

بقايا عوامي سوچ 13

ڪيو ويو. مظاهرين ايس ايس پي چوڪ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي. جڏهن ته پوليس خلاف سخت نعريبازي پڻ ڪئي وئي، احتجاج ڪندڙ شاگردن اسرار سولنگي، امام بخش پنهور، تنوير ميراڻي، شهباز پنهور، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن عمران ڪورائي، جبران پنهور ۽ ٻين مطالبو ڪيو ته شهر مان ڦر ٿيل موٽر سائيڪلون ۽ چوري ٿيل سامان واپس ڪرايو وڃي ۽ شهر اندر کلي عام هلندڙ منشيات فروشي سميت سماجي برائين جو خاتمو آندو وڃي. مظاهرين چيو ته شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ پوليس کي اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن ۽ بدامني تي ضابطو آڻي شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ڪئي وڃي، بعد ۾ ڊي ايس پي سٽي دادو علي اڪبر چنا پوليس نفري سميت احتجاج واري هنڌ پهچي مظاهرين سان ڳالهيون ڪيون ۽ کين مسئلن جي حل ۽ امن امان جي صورتحال بهتر بڻائڻ جي خاطري ڪرائي، ڊي ايس پي جي خاطري بعد مظاهرين ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ روڊ تي ٽريفڪ بحال ٿي وئي

بقايا عوامي سوچ 14

ڇاپا هڻي عمرڪوٽ واسي جوابدار آسن بجير کي گرفتار ڪري جوابدار جي نشاندهي تي 19 موٽرسائيڪلون هٿ ڪري جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪرڻ بعد وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڏني آهي جڏهن ته جوابدار وٽان هٿ ڪيل 19 موٽرسائيڪلن کي ٿائون ٿاڻي تان موٽرسائيڪلن جي ڪاغذات جي جانچ پڙتال ڪرڻ بعد مالڪن حوالي ڪيو ويو، پوليس ذريعن موجب جوابدار شهر جي مختلف علائقن ۽ شهر مان ماسٽر چاٻي ذريعي دڪانن ۽ گهرن اڳيان بيٺل موٽرسائيڪلن جا لاڪ کولي موٽرسائيڪلون چوري ڪندو هو ان حوالي سان رابطو ڪرڻ تي ايس ايڇ او غازي خان راڄڙ چيو ته ايس ايس پي ميرپورخاص پاران موٽرسائيڪلون چوري ڪرڻ ۾ ملوث جوابدار خلاف سخت ڪارروائي ڪري موٽرسائيڪلون هٿ ڪرڻ وارين هدايتن تي پوليس پاران وڏي جدوجهد بعد ڳجهي اطلاع ملڻ تي ڇاپو هڻي عمرڪوٽ واسي جوابدار آسن بجير کي گرفتار ڪري سندس نشاندهي تي 19 موٽرسائيڪلون هٿ ڪرڻ بعد موٽرسائيڪلن جي ڪاغذن ذريعي انجن نمبر ۽ چيچس نمبر چيڪ ڪري موٽرسائيڪلن جي مالڪن حوالي ڪيون ويون آهن جڏهن ته جوابدار کان وڌي جاچ ڪري رهيا آهيون جنهن جي بنياد تي وڌيڪ ڪاروائي ڪئي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 15

ي پروگرام منعقد ڪيو ويو، جنهن جو مقصد نوجوانن ۽ شاگردن ۾ ووٽ جي اهميت ۽ جمهوري عمل ۾ شرڪت بابت شعور اجاگر ڪرڻ هو ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر ظهير احمد شاگردن کي خطاب ڪندي چيو ته ووٽ قومي امانت آهي ۽ هر شهري جو فرض آهي ته هو پنهنجي ووٽ جو درست استعمال ڪري. هن چيو ته نوجوان نسل ملڪ جو مستقبل آهي، تنهن ڪري نوجوانن کي گهرجي ته 18 سال جي عمر مڪمل ٿيڻ تي پنهنجو قومي شناختي ڪارڊ ٺهرائين ۽ پنهنجي ووٽ جو اندراج ڪرائي چونڊ عمل ۾ ڀرپور حصو وٺن هن اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران شروع ڪيل ووٽر آگاهي مهم بابت پڻ شاگردن کي تفصيلي بريفنگ ڏني ان موقعي تي ڪاليج جي پرنسپال ۽ استادن ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر ظهيراحمد ۽ اسسٽنٽ اليڪشن ڪمشنر هريش جو شڪريو ادا ڪندي ان عزم جو اظهار ڪيو ته ووٽ جي اهميت بابت هي پيغام گهر گهر تائين پهچايو ويندو

بقايا عوامي سوچ 16

ن جي تعزيت ڪراچي جي ناميا ري سماجي اڳواڻ، امن جو سفير اقبال حسين چنا جي ڀائٽي جي پٽ جي وفات تي تعزيت جو سلسلو ٻئي ڏينهن به جاري رهيو پي آئي ڊي سي سوسائٽي ۾ اقبال حسين چنا جي آفيس تي پ پ سينئر اڳواڻ حنيف سومرو ۽ سياسي، سماجي اڳواڻن، وڪيلن ۽ معزز شخصيتن پاران پهچي تعزيت ڪئي وئي ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ فاتحه خواني ڪئي وئي هن ڏک واري موقعي تي اڳواڻن اقبال حسين چنا سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ ٿيڻ جو اظهار ڪيو ۽ دعا ڪئي ته الله پاڪ مرحوم کي جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي ۽ پونئيرن کي صبر جميل عطا ڪري

بقايا عوامي سوچ 17

پهچڻ لاءِ 3 کان 4متبادل رستا آهن. جبران ناصرچيو ته ساڃي، ڪاپي، گيسٽ هائوس جي پويان ۽ واٽر بورڊ کان رستا آهن. جج پڻ حيرانگي جو اظهار ڪيو ته ايترا رستا ذڪر نه ڪيا ويا. جبران ناصروڊيڪ چيو ته پوليس بار بار صرف هڪ ڪچي روڊ جي نشاندهي ڪئي، ڏوهه جي جاءِ جي چوڌاري 100 کان وڌيڪ ڪيمرا آهن. پوليس صرف 67 سي سي ٽي وي ڪليپس پيش ڪيون. جبران ناصرچيو ته 116 ڪيمرائن مان. صرف 10 ڪيمرائن جي فوٽيج پيش ڪئي وئي، هڪ ئي ڪئميرا جون ڪيترين ئي ڪلپس ناهي انگ 60، 65 يا 67 تائين آندو ويو جاچ جي پهرين ٽن ڏينهن جو ملبو گلستان جوهر پوليس تي اڇلايو ويو ۽ جاچ آفيسرتي . ڪيترائي ڪيمرا 14 ڏينهن تائين رڪارڊ رکندا آهن. جبران ناصرچيو ته پوليس پڇيو ته 11 هين کان 14 هين ڏينهن تائين فوٽيج چو نه حاصل ڪئي وئي؟ ڊي وي آر رڪارڊنگ ۽ ڪيمرائن جي فوٽيج جي گم ٿيڻ بابت پوليس وٽ ڪو به جواب ناهي. پوليس جو دعويٰ آهي ته فائرنگ جو آواز رات جو نه آيو. شادي هال جي گارڊ 300 ميٽر پري فائرنگ جو آواز ٻڌو، جبران ناصرچيو ته جج فائرنگ جي آواز بابت پوليس جي موقف تي به حيرانگي جو اظهار ڪيو. 28 جولاءِ تي شام 5 وڳي کان رات 10 وڳي تائين مسجد جي ڪئميرا جي فوٽيج غائب آهي، مسجد ۾ 8 کان 9 ڪيمرا لڳل آهن. پر صرف هڪ ڪئميرا جي فوٽيج فراهم ڪئي وئي، جبران ناصرچيو ته فراهم ڪيل فوٽيج ۾ لڳ ڀڳ پنج ڪلاڪن جي رڪارڊنگ پڻ غائب آهي. باقي ڪيمرائن جي فوٽيج پڻ ڪميشن کي فراهم نه ڪئي وئي، ڪميشن کي چيو ويو ته ماضي ۾ گم ٿيل ثبوت واپس نه ٿا ڪري سگهجن، جبران ناصر ٻڌايو ته ڪميشن مستقبل ۾ اهڙن واقعن کي روڪڻ تي ڌيان ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي، مير رضا ڪميشن صرف هڪ خاندان لاءِ ناهي، اهو ڪراچي جي سڀني شهرين لاءِ آهي، پوليس سڌارن لاءِ صرف ڪارروائي ڪافي ناهي، غفلت ۽ ڏوهه جي ذميوارن جو احتساب ۽ سزا ضروري آهي، ڪيترا مير رضا قتل ٿيندا ۽ ڪيترا خاندان انصاف لاءِ روڄن تي ايندا؟ اعليٰ پوليس آفيسرن جي مجرمانه غفلت جا پهلو به سامهون اچي رهيا آهن. جبران ناصرچيو ته قاتلن کي گرفتار ڪرڻ پوليس جي ذميواري آهي، ڪميشن صرف سفارشون ڪري سگهي ٿي، اسان بار بار مير رضا ڪيس ۾ جي آءِ ٽي ناهڻ جو مطالبو ڪري رهيا آهن. سنڌ حڪومت پاران ناهيل جي آءِ ٽي بابت سوال اڃا تائين موجود آهن. جبران ناصرچيو ته ڪميشن جي رپورٽ جي پهرين ڪاپي سنڌ جي وڏي وزير ۽ خاندان کي فراهم ڪئي وڃي، ڪميشن جي رپورٽ ۽ سفارشون پڻ عوام ۽ ميڊيا آڏو آنديون وڃن. جبران ناصرچيو ته رپورٽ هڪ فائل نه بڻجي وڃي جيڪا ڪيترن ئي مهينن کان پوءِ ليڪ ٿي وڃي، اسان مير رضا ڪيس ۾ پوليس جي ڪنهن به بيان يا ڪارروائي تي ڀروسو نٿا ڪريون. اڄ به، سوالن جا جواب ڏيڻ بدران، اسان کي بيوقوف بڻايو پيو وڃي، خاندان پاران پوليس آفيسرن کي 300 کان وڌيڪ سوال موڪليا ويا آهن. ڊي آءِ جي عامر فاروقي، ڊي آءِ جي فرخ لنجار ۽ ٻين آفيسرن کي سوال موڪليا ويا، پوليس وٽ اڄ تائين بنيادي سوالن جا جواب نه آهن. جبران ناصرچيو ته چا پوليس جيو فيننسنگ ڊيٽا حاصل ڪئي يا نه؟ بائنانس سان ڪير رابطي ۾ هو چا پوليس جاچ ڪئي يا نه؟ مير رضا کان 30 ملين رپيا ڪنهن گهريا؟ چا مير رضا پاڻ 30 ملين رپين جو بندوبست ڪري رهيو هو يا ڪنهن مٿس دٻاءُ وڌو هو؟ پوليس وٽ سي سي ٽي وي فوٽيج سميت اهم سوالن جا جواب نه آهن. ڪميشن جي ڏوهن واري هنڌ جي دوري کان مطمئن آهيان، پر جاچ ٽيم جي ڪارڪردگي کان نه. ڪميشن جي ڏوهن واري هنڌ جو دورو سٺو هو ڪميشن جي اطمينان کي جاچ ٽيم جي اطمينان سان نه سمجهيو وڃي، جبران ناصرچيو ته پوليس صرف ان ٽريڪ جي فوٽيج کي ڏسي رهي آهي جنهن تي مير رضا کي ويندو ڏٺو ويو ٿو، رضا جي پويان ڪير هو. پوليس کي سندس فوٽيج چو نه ملي؟ رضا جي وڃڻ کان اڳ ۽ پوءِ مڪمل فوٽيج حاصل ڪرڻ ضروري هو. چا ڪو رضا جو انتظار ڪري رهيو هو يا اڳواٽ ئي جاچ ڪئي وئي هئي؟ پوليس نه ڏٺو رضا ڪهڙي رستي کان آيو ۽ ڪٿي ويو. پوليس هن پهلوءَ جي به جاچ نه ڪئي، ڪيترن ئي اهم ماڻهن جا بيان اڃا تائين رڪارڊ نه ڪيا ويا آهن. جبران ناصرچيو ته جنهن رڪشا ڊرائيور جي لاش جنهن ڏينهن ملي هئي ان جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اڃا تائين پوليس آڏو پيش نه ٿيو آهي، اڍائي مهينا گذرڻ کان پوءِ به اهم شاهدن کي سنڌن بيانن لاءِ طلب ڪيو پيو وڃي، لاش ملڻ کان پوءِ ڪيترائي ماڻهو شهر ۽ ملڪ ڇڏي ويا، انهن ماڻهن جي وچ ۾ تعلق جو تعين ڪرڻ پوليس جي ذميواري آهي، پوليس پنهنجي لاپرواهي جو بار خاندان تي وجهڻ چاهي ٿي، پوليس 5 آگسٽ تي خودڪشي بابت ڏنل بيان غيرذميوارانو هو. پوليس 6 آگسٽ تي خودڪشي بابت هڪ ڪهاڻي به پيش ڪئي، جيڪڏهن پوليس قاتل کي ظاهر ڪري ته اعليٰ اختيارين جي لاپرواهي به بي نقاب ٿي ويندي.

بقايا عوامي سوچ 18

مينٽ (NCHD)جي گڏيل سهڪار سان استاد جي مجتا ۽ عظمت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ تعليم کاتي، اين سي ايڇ ڊي، آر ايس يو ۽ مختلف اسڪولن جي استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي تعليم کاتي جي ڊپٽي ڊي اي او سيڪنڊري بشير احمد چانڊيو چيو ته استاد معاشري جو رهنما ۽ قوم جي مستقبل جو معمار آهي، استاد صرف ڪتابي علم منتقل ڪندڙ شخص نه پر شاگردن جي ڪردار، سوچ ۽ مستقبل جي تعمير ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو هڪ سٺو استاد پنهنجي شاگردن ۾ علم سان گڏ اخلاق، شعور، برداشت، ذميواري ۽ انسانيت جا قدر پيدا ڪري ٿو هن چيو ته قومن جي ترقي جو سفر اسڪول جي ڪلاس روم کان شروع ٿيندو آهي، جيڪڏهن اسان پنهنجي ايندڙ نسل کي بهترين تعليم، تربيت ۽ مثبت سوچ فراهم ڪرڻ چاهيون ٿا ته استاد کي عزت، سهولتون ۽ مناسب ماحول فراهم ڪرڻو پوندو، استاد جي عزت دراصل علم، تعليم ۽ مستقبل جي عزت آهي. اين سي ايڇ ڊي قمبر جي ڊپٽي ڊائريڪٽر عمران خان خطاب ڪندي چيو ته استاد معاشري جو حقيقي سماج سڌارڪ آهي، جيڪو قومن جي فڪري ۽ اخلاقي جوڙجڪ ۾ ڪرنگهي جي هڏي وارو ڪردار ادا ڪري ٿو استاد پنهنجي شاگردن کي صرف امتحان پاس ڪرڻ لاءِ تيار نٿو ڪري پر کيس زندگي جا مسئلا سمجهڻ، صحيح ۽ غلط ۾ فرق ڪرڻ ۽ معاشري جو ذميوار فرد بڻجڻ سيکاري ٿو اين سي ايڇ ڊي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سليم اختر چيو ته استاد جو ڪردار ڪنهن به معاشري ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو هڪ استاد جي محنت جو نتيجو صرف هڪ شاگرد تائين محدود نٿو رهي پر اهو شاگرد اڳتي هلي پنهنجي خاندان، معاشري ۽ ملڪ جي ترقي ۾ حصو وٺي ٿو ان ڪري استاد جي خدمت کي ڪنهن به صورت ۾ معمولي نه سمجهڻ گهرجي. آر ايس يو جي هيڊ اعجاز تنيو پڻ تقريب کي خطاب ڪندي استادن جي خدمتن کي ساراهيو ۽ چيو ته تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ استاد، والدين ۽ تعليم کاتي جي وچ ۾ مضبوط سهڪار ضروري آهي. ان موقعي تي اي اي او پرائمري عبدالوحيد ميمڻ، تعلقا ايجوڪيشن آفيسر قمبر ميڊم حميده پتوجو، ميڊم ثمينه سانڌاڻو سميت تعليم کاتي ۽ اين سي ايڇ ڊي جي آفيسرن ۽ استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته مقررين استاد جي عظمت، معاشري جي تعمير ۾ سندس ڪردار ۽ استادن جي بي لوث خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي. تقريب دوران بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ ضلعي جي مختلف استادن ۾ اين سي ايڇ ڊي ۽ تعليم کاتي پاران سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا ۽ سندن خدمتن کي ساراهيندي کين تعليمي شعبي لاءِ مثالي ڪردار ادا ڪرڻ تي خراج تحسين پيش) استادن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان گورنمينٽ هاءِ اسڪول قمبر ۾ تعليم کاتي ۽ نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊولپمينٽ (NCHD)جي گڏيل سهڪار سان استاد جي مجتا ۽ عظمت کي اجاگر ڪرڻ لاءِ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ تعليم کاتي، اين سي ايڇ ڊي، آر ايس يو ۽ مختلف اسڪولن جي استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب کي خطاب ڪندي تعليم کاتي جي ڊپٽي ڊي اي او سيڪنڊري بشير احمد چانڊيو چيو ته استاد معاشري جو رهنما ۽ قوم جي مستقبل جو معمار آهي، استاد صرف ڪتابي علم منتقل ڪندڙ شخص نه پر شاگردن جي ڪردار، سوچ ۽ مستقبل جي تعمير ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪري ٿو هڪ سٺو استاد پنهنجي شاگردن ۾ علم سان گڏ اخلاق، شعور، برداشت، ذميواري ۽ انسانيت جا قدر پيدا ڪري ٿو. هن چيو ته قومن جي ترقي جو سفر اسڪول جي ڪلاس روم کان شروع ٿيندو آهي، جيڪڏهن اسان پنهنجي ايندڙ نسل کي بهترين تعليم، تربيت ۽ مثبت سوچ فراهم ڪرڻ چاهيون ٿا ته استاد کي عزت، سهولتون ۽ مناسب ماحول فراهم ڪرڻو پوندو، استاد جي عزت دراصل علم، تعليم ۽ مستقبل جي عزت آهي. اين سي ايڇ ڊي قمبر جي ڊپٽي ڊائريڪٽر عمران خان خطاب ڪندي چيو ته استاد معاشري جو حقيقي سماج سڌارڪ آهي، جيڪو قومن جي فڪري ۽ اخلاقي جوڙجڪ ۾ ڪرنگهي جي هڏي وارو ڪردار ادا ڪري ٿو استاد پنهنجي شاگردن کي صرف امتحان پاس ڪرڻ لاءِ تيار نٿو ڪري پر کيس زندگي جا مسئلا سمجهڻ، صحيح ۽ غلط ۾ فرق ڪرڻ ۽ معاشري جو ذميوار فرد بڻجڻ سيکاري ٿو اين سي ايڇ ڊي جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر سليم اختر چيو ته استاد جو ڪردار ڪنهن به معاشري ۾ بنيادي حيثيت رکي ٿو هڪ استاد جي محنت جو نتيجو صرف هڪ شاگرد تائين محدود نٿو رهي پر اهو شاگرد اڳتي هلي پنهنجي خاندان، معاشري ۽ ملڪ جي ترقي ۾ حصو وٺي ٿو ان ڪري استاد جي خدمت کي ڪنهن به صورت ۾ معمولي نه سمجهڻ گهرجي. آر ايس يو جي هيڊ اعجاز تنيو پڻ تقريب کي خطاب ڪندي استادن جي خدمتن کي ساراهيو ۽ چيو ته تعليم جي معيار کي بهتر بڻائڻ لاءِ استاد، والدين ۽ تعليم کاتي جي وچ ۾ مضبوط سهڪار ضروري آهي. ان موقعي تي اي اي او پرائمري عبدالوحيد ميمڻ، تعلقا ايجوڪيشن آفيسر قمبر ميڊم حميده پتوجو، ميڊم ثمينه سانڌاڻو سميت تعليم کاتي ۽ اين سي ايڇ ڊي جي آفيسرن ۽ استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته مقررين استاد جي عظمت، معاشري جي تعمير ۾ سندس ڪردار ۽ استادن جي بي لوث خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي. تقريب دوران بهترين ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ ضلعي جي مختلف استادن ۾ اين سي ايڇ ڊي ۽ تعليم کاتي پاران سرٽيفڪيٽ پڻ ورهايا ويا ۽ سندن خدمتن کي ساراهيندي کين تعليمي شعبي لاءِ مثالي ڪردار ادا ڪرڻ تي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 19

ي وزير ۽ پ پ ايم پي اي امداد علي پتافي ۽ پ پ ضلعي صدر ظهير عباس پتافي نوٽيس وٺندي کاتي واري مشين موڪلي شاخ جي صفائي جو ڪم شروع ڪرائي ڇڏيو جنهن بعد علائقي واسين ۾ خوشي جي لهر ڇانيل آهي ڪيريا شاخ ۾ سيوريج جو پاڻي اور ٽاپ تي شهر جي مختلف پاڙن مهرو ڪيريو سخي وهاب ڪالوني پناهه ڪالوني ۾ داخل ٿيندو هوان موقعي تي شهرين جو چوڻ هو ته اسان ڪافي عرصي کان شاخ جي صفائي ۽ گندي پاڻي جي نيڪال لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي درخواستون ڏيندا رهيا آهيون، پر هاڻي ايم پي اي امداد علي پتافي ۽ ضلعي صدرظهيرعباس پتافي نوٽيس وٺندي کاتي واري مشين موڪلي شاخ جي صفائي ڪرائي آهي. علائقي واسين ايم پي اي امداد علي پتافي ۽ ضلعي صدر ظهير عباس پتافي جا شڪريا ادا ڪندي چيو ته سندن مسئلو حل ڪرائڻ تي اسان سندن ٿورائتا آهيون.

بقايا عوامي سوچ 20

ي جو مطالبو اسسٽنٽ ڪمشنر هالا پاران يونٽ سيل هالا جي مسڻ روڊ تي قائم مبينا غيرقانوني پيٽرول يونٽ ۾ اوچتو باهه ڀڙڪي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ يونٽ تي ڪم ڪندڙ ملازم مومن جت ۽ اتي موجود هڪ معصوم نينگري سڙي زخمي ٿي پيا، جڏهن ته دڪان تي رکيل ڪجهه سامان پڻ سڙي ويو زخمين کي فوري طور خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو، جتي ٻنهي جي حالت خطري کان ٻاهر ٻڌائي پئي وڃي. واقعي جي اطلاع ملڻ بعد اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر علي ٻرڙو پنهنجي اسٽاف سان گڏ واقعي واري هنڌ پهچي صورتحال جو جائزو ورتو ۽ زخمين بابت تفصيل معلوم ڪيا. بعد ۾ لاڳاپيل پيٽرول يونٽ کي فوري طور سيل ڪيو ويو اسسٽنٽ ڪمشنر هالا ڊاڪٽر مظاهر علي ٻرڙو صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مذڪوره پيٽرول يونٽ سرڪاري رڪارڊ موجب اڳ ئي سيل ٿيل هو. تنهن هوندي به ان کي مبينا طور غيرقانوني طريقي سان هلائڻ جي معاملي تي پمپ مالڪ کي آفيس طلب ڪيو ويو آهي. هن چيو ته هالا شهر ۾ موجود سمورن پيٽرول يونٽن کي بند ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون آهن. جڏهن ته شهرجي وچ ۾ ڪنهن به قسم جو غيرقانوني پيٽرول يونٽ هلائڻ جي صورت ۾ سخت قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي. ٻئي طرف واقعي ڪانپوءِ شهرين ۾ خوف ۽ ڳڻتي پکڙجي وئي. شهرين جو چوڻ آهي ته پيٽرول جهڙي انتهائي آتش گير شئي جي آبادي وارن علائقن، بازارن ۽ روڊن جي پرسان غيرمحفوظ طريقي سان اسٽوريج ۽ وڪري سبب ڪنهن به وقت وڏو سانحو پيش اچي سگهي ٿو شهرين موجب مسڻ روڊ، جت ناڪو هالا پراڻو ناڪو، ٽلهو روڊ، طالب المولي ڪالوني، باگڙي بازار ۽ شهدادپور چوڪ سميت شهرجي مختلف علائقن ۾ مبينا طور پيٽرول جي وڪري لاءِ يونٽ قائم آهن. شهرين مطالبو ڪيو ته انهن يونٽن جي قانوني حيثيت ۽ حفاظتي انتظامن جي فوري جاچ ڪرائي وڃي ۽ غيرقانوني طور هلندڙ يونٽن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. شهرين وڌيڪ مطالبو ڪيو ته انتظاميا طرفان واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي، پيٽرول جي اسٽوريج ۽ وڪري بابت مقرر حفاظتي ضابطن تي سختي سان عمل ڪرايو وڃي، جيئن مستقبل ۾ انساني جانين ۽ مالي نقصان جو سبب بڻجندڙ اهڙن واقعن کي روڪي سگهجي

بقايا عوامي سوچ 21

جنهن مرحوم جي روح کي ثواب پهچائڻ لاءِ دعا گهري وئي. تعزيتي ميڙاڪي ۾ سنڌ پيپر نيوز سوسائٽي جو صدر قاضي شفيق، سيڪريٽري جنرل رضوان شاهه، مختيار احمد سومرو، ديدار سنڌيلو علي محمد بروهي، عيسيٰ' انصاري، ڪاشف ميمڻ، ميڊيم، نسيم شيخ، ميڊيم فرزانه، هن ميڊيم ماهي بيگ، آصف بيگ، سيد عظيم شاهه، امجد حسين تنيو صفدر سهتو، نصر الله جمالي، هن عمران ڪورائي، رياض ابڙو، رحمان ملڪ، شاهد انصاري، سليم پيزادو، آصف لاشاري، گوندا، بلوچستان جي اڳوڻي اطلاعات کاتي جي وزير محمد يونس، سيد ذوالفقار علي شاهه سميت وڏي انگ ۾ صحافين شرڪت ڪئي

بقايا عوامي سوچ 22

ر پريس ڪلب آڏو پارٽي جي اعليٰ قيادت کي اپيل ڪندي چيو آهي ته سندس خاندان 1968 کان پ پ سان وفاداري سان وابسته آهي، پر پارٽي طرفان ان وقت تائين کين ڪنهن به قسم جو ريليف مليو آهي، جنهن سبب بيروزگاري ۽ معاشي پريشانين ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهيان،متاثر شخص ٻڌايو ته مقامي نمائندن ۽ قيادت جي لاپرواهي سبب سندس ٻارن کي روزگار فراهم نه ڪيو ويو. راشن جي تقسيم سميت بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام، زڪوات ۽ ٻين پروگرامن ۾ سندس خاندان کي نظرانداز ڪيو ويو آهي،هن چيو ته مان اکين جي بيماري ۾ مبتلا آهيان ۽ علاج لاءِ در در جون ٺوڪرون کائي رهيو آهيان،پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو سميت ٻي قيادت کان نوٽيس وٺي انصاف ۽ مالي مدد فراهم ڪرڻ جي اپيل ڪيان ٿو

بقايا عوامي سوچ 23

و طرفان اسڪول جي سمورن استادن کي گلن جا هار پارائي استادن جو ڏينهن ملهايو ويو ان موقعي تي گورنمينٽ بوائيز هاءِ اسڪول باگوديرو جي هيڊماسٽر منظور علي چانڊيو ڳالهائيندي چيو ته استاد قوم جا اڏيندڙ آهن تنهنڪري سنڌن عزت ۽ حوصلا افزائي اسان مٿان فرض آهي. جيڪي قومون پنهنجن استادن جي عزت ۽ قدر ڪنديون آهن. اهي دنيا ۾ ترقيءَ جي اعلا مقام تي پهچنديون آهن. هن وڌيڪ چيو ته ٻار جڏهن اسڪول ۾ نئون داخل ٿيندو آهي ته ڪيس فقط ٻولي ڳالهائڻ ايندي آهي. ڪيس ٻيا علم، اخلاق، آداب ۽ ماڻهپو استاد ئي سيکاريندا آهن. شاگردن جي علمي اوسر سان گڏ سندن اخلاقي تربيت به استاد ئي ڪندو آهي. هن وڌيڪ چيو ته استاد پاڻ ته هميشه ساڳيئي ئي حال ۾ رهي ٿو پر سندس شاگرد زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾ اعلا منزل تائين پهچندا آهن. هن آخر ۾ چيو اسان جو نبي سڳورو حضرت محمد مصطفي صلي الله عليه وآله وسلم به سموري انسانيت جي لاءِ استاد بڻجي آيا. تنهنڪري استاد جو ڪم پيغمبري پيشو آهي. حضورجن صہ جن جي ڪري استاد جو مان ۽ مرتبواچا ب وڏي وڃي ٿو.

بقايا عوامي سوچ 24

78 هزار درودِ پاڪ، 6 ختم القرآن شريف ۽ 22 دلائل الخيرات شريف جي اجتماعي دعا گهري وئي. ان موقعي تي خطاب ڪندي سائين سيد غلام حيدر شاهه قلندري چيو ته، بابا سائين احمد علي قريشي رح جون تعليمات قرآن، درود، نماز ۽ اصلاح نفس جو جامع پيغام آهن. سائين چيو ته بابا سائين جون تعليمات انسان کي قرآن سان وابستگي، نماز جي پابندي، محبت رسول صہ، ڪثرتِ درود، اخلاص، حسنِ اخلاق ۽ خدمتِ خلق ڏانهن وٺي وڃن ٿيون؛ دين صرف پڙهڻ ۽ ٻڌڻ جو نالو ناهي، پر ان کي ڪردار ۽ عمل ۾ آڻڻ ئي اصل ڪاميابي آهي. سائين چيو ته، قرآن پاڪ انسان لاءِ هدايت جو سرچشمو آهي ۽ نماز جو اثر انسان جي اخلاق ۽ عمل ۾ ظاهر ٿيڻ گهرجي. درودِ پاڪ محبتِ رسول صہ کي مضبوط ڪري ٿو جڏهن ته ان محبت جو عملي اظهار سنتِ رسول صہ جي پيروي ۽ مخلوق خدا سان حسن سلوڪ ۾ ٿيڻ گهرجي. سائين چيو ته، اولياءُ الله ۽ صوفياءِ ڪرام جي تعليمات جو مرڪز تزڪيهءِ نفس، اخلاص، ذڪر، محبتِ رسول صہ ۽ خدمتِ انسانيت آهي. ظاهر جي عبادت سان گڏ باطن جي اصلاح به ضروري آهي، چو ته علم تڏهن فائديمند بڻجي ٿو جڏهن اهو انسان جي عمل ۽ ڪردار ۾ نظر اچي. سائين موجوده دور بابت چيو ته موبائل، سوشل ميڊيا ۽ معلومات جي گهڻائي انسان کي قرآن، نماز ۽ ذڪر کان غافل نه ڪري. نوجوانن کي گهرجي ته غيرضروري اسڪرين ٽائيم گهٽائي قرآن جي تلاوت، درودِ پاڪ، نماز ۽ مفيد علم لاءِ وقت مقرر ڪن. جڏهن ته سوشل ميڊيا تي ڪا به ديني يا عام خبر شيئر ڪرڻ کان اڳ ان جي تصديق ڪن. سائين چيو ته بابا سائين احمد علي قريشي جي تعليمات جو اصل روح اهو آهي ته قرآن هٿ ۾، درود زبان تي، الله جو ذڪر دل ۾ ۽ انسانيت جي خدمت عمل ۾ هجي. هن زور ڏنو ته هر شخص روزانو پنهنجي عمل جو محاسبو ڪري ته اڄ قرآن مون کي چا سيکاريو، نماز منهنجي اخلاق ۾ ڪهڙي تبديلي آندي ۽ رسول الله جي ڪهڙي سنت تي عمل ڪيو. محفل ۾ طارق علي چارڻ ۽ علي بخش سولنگي نعت خواني جي سعادت حاصل ڪئي. جڏهن ته ميڊيڪل شعبي پاران مفت ميڊيڪل ڪيمپ جو انعقاد ڪيو ويو ۽ انفارميشن شعبي پاران ڪتابن جو اسٽال پڻ لڳايو ويو ان موقعي تي سيد عبدالرحمان شاهه، محمد عرس جتوئي، محمد ابراهيم هاليپوٽو مجتبا پنهور، حق نواز چاچڙ، شفيع محمد سولنگي، اظهار ڏونڪائي، رحمت الله پرڳڙي، اعجاز مستوئي، خالد پنهور، محمد عظيم خاصخيلي، محمد رفيق هنگورو، ڊاڪٽر امتياز پنهور، آدم سولنگي، چنيسر برفت، علي نواز ميمڻ، نويد اختر قريشي، ديدار عباسي، شيرخان پنهور، رياض حسين عالماڻي ۽ آصف لاشاري پڻ موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 25

.محڪمہ وائلڊ لائيف حيدرآباد جي ڊپٽي ڪنزرويٽر واجد علي شيخ جي حڪمن تي جامشورو وائلڊ لائيف جي اهلڪارن غفار جمالي ۽ عبدالقيوم چنا ڪارروائي ڪئي. ڪارروائي دوران درياهه سنڌ جي ديهه جڄ واري علائقي ۾ گهات لڳائي شڪار ڪندڙ ٻن ڄڻن حافظ دلشاد احمد ۽ رفيق احمد کي گرفتار ڪيو ويو. وائلڊ لائيف اختيارين موجب گرفتار ٿيل ٻئي ڄڻا ڏيرا غازي خان جا رهواسي آهن، جيڪي ناياب نسل جي بازن ۽ ٻين پکين جو شڪار ڪري کين مختلف شهرن ۾ وڪرو ڪندا هئا. اختيارين موجب شڪار تي پابندي باوجود پکين کي جال لڳائي ڦاسائڻ ۽ ٻين طريقن سان شڪار ڪرڻ تي ٻنهي جوابدارن خلاف دفعو 144 جي ڀڃڪڙي جو ڪيس داخل ڪيو ويو. ڪيس وائلڊ لائيف گارڊ احمد علي ڪوسو جي فرياد تي داخل ڪيو ويو. ٻنهي جوابدارن کي سيشن ڪورٽ جامشورو ۾ پيش ڪيو ويو، جتي عدالت کين 14 ڏينهن جي عدالتي ريمانڊ تي جيل موڪلي ڇڏيو. محڪمہ وائلڊ لائيف موجب جامشورو ۽ دادو جي علائقن ۾ شڪار تي دفعو 144 لاڳو آهي، جڏهن ته پکين کي جال لڳائي ڦاسائڻ سميت مختلف طريقن سان شڪار ڪرڻ تي مڪمل پابندي لاڳو ٿيل آهي. ಅಧಿಕಾರين وڌيڪ چيو ته نااياب نسل جي پکين جي تحفظ لاءِ غيرقانوني شڪار خلاف ڪارروائين جو سلسلو جاري رکيو ويندو

بقايا عوامي سوچ 26

دعوت، جمعيت علماءِ اسلام تعلقہ ٽنڊوباگو جي جنرل سيڪريٽري مولوي ذوالقرنين لاکو تعلقہ خزانچي محمد جمن ملاح، محمد يعقوب ملاح ۽ سالار الهڏنو ملاح جي اڳواڻي ۾ يونٽ ڪڏارو ۽ ڪامارو جو تنظيمي دورو ڪيو ويو. ان موقعي تي اڳواڻن ڪڏارو ۾ مولانا وسيم شيخ، محمد رمضان روستماڻي ۽ حافظ نوراحمد گرگيز، جڏهن ته ڪامارو ۾ مفتي مختيار احمد ۽ حاجي عطاالله سان ملاقاتون ڪري کين 8 آڪٽوبر تي ٿيندڙ ضلعي اجلاس ۾ شرڪت جي دعوت ڏني. ملاقاتن دوران جمعيت جي فنڊ، انصارالاسلام ۽ اهم تنظيمي رڪروٽمينٽ بابت پڻ ترغيب ڏني وئي.

بقايا عوامي سوچ 27

، قلجي اسٽيشن جي گورنمينٽ بوائز پرائمري ايليمنٽري ڪيمپس اسڪول ۾ 5 آڪٽوبر ٽيچرز ڊي جي موقعي تي هڪ پروقار تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ استادن، شاگردن ۽ معزز مهمانن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. تقريب ۾ مهمانن طور ايم پي ايس اسڪول جي چيئرمين سر شفيع محمد راجپوت، سائين غلام النبي پنهور، سائين غلام حيدر آرائين، مجن خان ڪوسو، محمد اسحاق ڏاوچ، چيف هيڊ ماستر مقبول احمد چنا انچارج هيڊ ماستر رانا محمد اسحاق ساقي،ايف اي سائين غلام شبير ملڪ شرڪت ڪئي. تقريب جي نظامت آخوند نوراحمد ڏهوٽ ڪئي. ان موقعي تي پنجين ڪلاس جي شاگردن استادن جي عظمت بابت تقريرون ۽ شاعري پيش ڪري پنهنجي استادن کي ڀيٽا پيش ڪئي. شاگردن پاران استادن کي ٽيچرز ڊي جا ڪارڊ ۽ گل پڻ پيش ڪيا ويا. تقريب کي خطاب ڪندي مقررين چيو ته استاد پنهنجي علم، محنت ۽ تربيت ذريعي نسلن جي مستقبل کي سنوارڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو استاد شاگردن کي صرف ڪتابي علم ئي نٿو ڏئي، پر انهن ۾ اخلاق، شعور، انسانيت ۽ ڪامياب مستقبل لاءِ جدوجهد جو جذبو پڻ پيدا ڪري ٿو تقريب جي پڄاڻيءَ تي ڪيڪ ڪاٽي دنيا جي سمورن محنتي، ايماندار ۽ فرض شناس استادن کي خراج تحسين پيش ڪيو ويو

بقايا عوامي سوچ 28

.تقريب دوران 33 مستحق ماڻهن ۾ ڪاروباري سهائتا جا چيڪ ورهايا ويا، جن ۾ عورتن جو وڏو انگ پڻ شامل هو ان امداد ذريعي عورتون پنهنجي گهرن ۾ مختلف ننڍا ڪاروبار شروع يا مستحڪم ڪري پنهنجي خاندان ۽ ٻارن جي ڪفالت ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪري سگهنديون. تقريب ۾ جماعت اسلامي نوابشاهه جي ضلعي امير طارق جاويد آرائين خاص مهمان طور شرڪت ڪئي، جڏهن ته سرور احمد قريشي، عبدالرحيم ۽ سلمان رؤف پڻ موجود هئا. الخدمت فائونڊيشن ضلع شهيد بينظيرآباد جي صدر ڊاڪٽر عمران علي باجوه خطاب ڪندي چيو ته الخدمت جو مقصد ننڍن ۽ ڪمزور ڪاروبارن کي مستحڪم ڪرڻ ۽ مستحق ماڻهن کي خودڪفيل بڻائي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ آهي، جيئن اهي معاشري ۾ عزت ۽ وقار سان زندگي گذاري سگهن. هن چيو ته الخدمت فائونڊيشن معاشري جي ڪمزور طبقن جي خدمت لاءِ مختلف شعبن ۾ ڪم ڪري رهي آهي، جن ۾ خاص طور تي ڪفالتِ يتاميٰ، صحت ۽ صاف پاڻي جا منصوبا شامل آهن. خاص مهمان طارق جاويد آرائين الخدمت فائونڊيشن جي ان قدم کي ساراهيندي چيو ته مستحق ماڻهن کي امداد فراهم ڪرڻ سان گڏوگڏ کين پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جي ڪوشش پڻ هڪ اهم قدم آهي. هن چيو ته حڪمران طبقو پنهنجي خرچن ۾ گهٽتائي ڪرڻ بدران غريب عوام تي ٽيڪسن جو بار وڌائي رهيو آهي، جنهن سبب عام ماڻهو جون مشڪلاتون وڌي رهيون آهن. هن چيو ته جماعت اسلامي غريب ۽ مستحق ماڻهن کي سهارو ڏيڻ ۽ کين خودڪفيل بڻائڻ جي مقصد سان ڪم ڪري رهي آهي. تقريب جي پڄاڻي تي مستحق ماڻهن ۾ ڪاروباري سهائتا جا چيڪ ورهايا ويا. شرڪت ڪندڙن الخدمت فائونڊيشن پاران روزگار ۽ خودڪفالت جي فروغ لاءِ ڪيل ڪوشش کي ساراهيو

بقايا عوامي سوچ 29

ين جي بنيادي ذميوارين ۾ شامل آهي. بجليءَ جهڙي خطرناڪ شعبي ۾ ڏينهن رات خدمت ڪندڙ محنت ڪشن جي مسئلن کي حل ڪرڻ، انهن جي مراعاتن ۽ حادثن کان تحفظ کي يقيني بڻائڻو پوندو. فيڊرن کي زيرو لوڊشيڊنگ ڪرڻ سٺو عمل آهي، پر جيڪڏهن اسان جو هيرو لائين مين ئي مشڪلاتن جو شڪار هوندو ته ادارو ترقي نٿو ڪري سگهي. اداري جي بهتري لاءِ اسان کي پنهنجي ورڪرن کي پڻ "اون" ڪرڻو پوندو اهڙن خيالن جو اظهار هن حيسڪو نوابن صوبائي سيڪريٽري اقبال احمد خان هو جڏهن ته ٻين مهمانن ۾ اعظم خان، گل محمد نظاماڻي، علاؤالدين قائمخاني، نور احمد نظاماڻي، بابو شفيق، هاشم علي ۽ عابد علي شاهه شامل هئا. زونل ايڊوائيزر شير محمد نظاماڻي، زونل چيئرمين اصغر علي ملاح، صاحب خان عمراني، نور حسن بگهيو، اختر ڪلوئي ۽ ٻين آيل مهمانن جو گرمجوشيءَ سان استقبال ڪيو جلسي ۾ حيدرآباد، ميرپورخاص، ۽ ٽنڊو محمد خان سميت ٻين شهرن مان ملازمن جي وڏي انگ شرڪت ڪئي. جلسي کي خطاب ڪندي مرڪزي صدر عبداللطيف نظاماڻي ورڪرن تي زور ڏنو ته اهي نجڪاريءَ واري حڪومتي منصوبي خلاف سيپاٽيل ديوار بڻجي وڃن، حڪومت اسان جي اتحاد کان خوفزده آهي پر اسان نجڪاريءَ کي دفن ڪري ئي ساهه ڪٽنداسين. صوبائي سيڪريٽري اقبال احمد خان ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته يونين حيسڪو ۾ ترقين، بيواهن جي امداد، ۽ ملازمن کي حادثن کان بچائڻ لاءِ سيڪيورٽي سيمينارن سميت اڻٿڪ ڪوششون ڪري رهي آهي. جلسي جي آخر ۾ آيل مهمانن کي اجرڪن ۽ گلن جا تحفا پڻ پيش ڪيا ويا.

بقايا عوامي سوچ 30

تي جهيڙي ۽ فائرنگ واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. جوابدارن اظهر عرف لمبا ۽ ذيشان جي ضمانت واري درخواستن تي ٻڌڻي ٿي. عدالت ٻنهي جوابدارن جي ضمانت منظور ڪري ورتي ۽ کين 25، 25 هزار رپين جا ڪاغذي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو وڪيل صفائي حسان صابر عدالت کي ٻڌايو ته واقعو 2 آگسٽ تي پيش آيو جڏهن ته ڪيس 4 آگسٽ تي داخل ڪيو ويو حسان صابر موجب 2 آگسٽ تي پيش آيل واقعي ۾ 3 ڄڻا زخمي ٿيا هئا.وڪيل چيو ته پوليس ٻن ڏينهن ڪانپوءِ ڪيس داخل ڪيو، اهو به مخبرِ خاص جي اطلاع تي. ٻن ڏينهن ڪانپوءِ مخبرِ خاص ٻڌائي رهيو آهي ته بهادر آباد ۾ چا ٿيو نيو ٽائون پوليس ان دوران بي خبر رهي. حسان صابر چيو ته ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو، پر اهو نه ٻڌايو ويو ته انهن جو تعلق ڪهڙي گروهه سان آهي. وڪيل صفائي موجب ٻنهي جوابدارن کي گڏ ڪٽي وڃي هٿيار هٿ ڪرايا ويا. پوليس عدالت کي ٻڌايو ته ڪيس ۾ 20 کان 25 ڄڻن کي نامزد ڪيو ويو آهي. پوليس موجب جهيڙي ۽ فائرنگ جو ڪيس نيو ٽائون ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو هو

بقايا عوامي سوچ 31

گهرايو ويو ٽائون آفيس ۾ سڏايل اجلاس ۾ وائيس چيئرمين شهاب الدين پٽي ، حاجي حذب الله گوپانگ، سراج احمد ٽونيو، سويرا فقير سومرو، فداحسين ابڙو، جاويد گوپانگ، ذوالفقار پٽي، اسحاق پٽي سميت سيني وارڊن جي ڪائونسلرن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ شهر اندر صفائي سترائي جي انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ وارڊن ۾ ترقياتي ڪم ڪرائڻ جي حوالي سان صلاح مشورو ڪيو ان موقعي تي اجلاس کي خطاب ڪندي ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمين رئيس لياقت علي ابڙو چيو ته شهر کي صاف سٿرو رکي شهرين جا ٽائون سان لاڳاپيل بنيادي مسئلا اوليت جي بنياد تي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي هن چيو ته ٽائون ڪاميٽي جي ڪابينا جو اجلاس گهرائڻ جو مقصد ڪائونسلرن جي صلاح سان شهر اندر بهتري صفائي سترائي، پيئڻ جي پاڻي جي انتظامن کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ ۽ شهر ۾ ضرورت واري جڳهه تي ترقياتي ڪم ڪرائي شهرين جي اهنجن کي گهٽائڻ آهي .

بقايا عوامي سوچ 32

ذارش جنهن تي پنهي ڌرين شهري جي پهتل قافلي کي مان ڏيندي فيصلي لاءِ رضامند ٿيا آهن جڏهن ته ميڙ منت قافلي اڳواڻن ٻنهي ڌرين کي فيصلي جي تاريخ ۽ ڪنهن وٽ ٿيڻ تائين ڪير به اڳرائي نه ڪرڻ جي پڻ گذارش ڪئي وئي جنهن ته ٻئي ڌرين راضپو ڏيڪاريو ويو آهي

بقايا عوامي سوچ 33

پنڪي تي هڪ ٻئي ڪيس ۾ فردِ جرم لاڳو ڪري ڇڏي. جوابدار انمول پنڪي کي جيل مان وڊيو لنڪ ذريعي عدالت ۾ پيش ڪيو ويو عدالت جوابدار کان پڇاڻو ڪيو ته اوهان تي پوليس پاران منشيات رکڻ جو الزام آهي، چا اوهان ڏوهه قبول ڪريو ٿا؟جوابدار انمول پنڪي وڊيو لنڪ ذريعي ڏوهه مڃڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو آهي .عدالت ڪيس جي شاهدن کي نوٽيس جاري ڪري ڇڏيا. جوابدار انمول عرف پنڪي خلاف منشيات جو ڪيس گذري ٿاڻي ۾ داخل ٿيل آهي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر
روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.
رابطي لاءِ:
03072308754_03003924502

سجاول ۾ معذور ڪوٽا تحت نوڪري نہ ملڻ خلاف معذور نوجوان دوست علي ٻاگهل پريس ڪلب سجاول اڳيان احتجاج

معذور ڪوٽا تحت سرڪاري نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ مختلف ادارن ۾ درخواستون جمع ڪرائي انٽرويو ڏيندو رهيو آهي

معذور ڪوٽا تحت سندس حق نظرانداز ڪري من پسند ماڻهن کي نوڪريون ڏنيون پيون وڃن

آئون غريب خاندان سان تعلق رکان ٿو ۽ نوڪري ملڻ سان نہ رڳو سندس معاشي حالتون بهتر ٿي سگهن ٿيون

سجاول (رپورٽ:امتياز ميمڻ)سجاول ۾ معذور ڪوٽا تحت نوڪري نہ ملڻ خلاف معذور نوجوان دوست علي ٻاگهل پريس ڪلب سجاول اڳيان احتجاج ڪيو ان موقعي تي هن صحافين آڏو ڏانهيندي چيو تہ هوهڪ ٽنگ کان معذور آهي ۽ ڪاف/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب1

ميرپور ماٿيلو ۾ هندو واپاري جي گهر ۾ لڳل ڌاڙي خلاف شٽر بند هڙتال

ميرپور ماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو هندو واپاري لالا درشن منداڻ جي گهر ۾ لڳل ڌاڙي جا جوابدار/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

اڏيرولال: مستحق خاندانن ۾ نلڪا ۽ ٻين سهولتن جي فراهمي جو سلسلو جاري

اڏيرولال (رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٽڪيٽ تي چونڊيل يونين ڪائونسل اڏيرولعل وليج /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

جمعيت علماءِ اسلام تعلقہ شاهبندر جي مجلسِ عاملہ ۽ تعلقہ شاهبندر جي سمورن يونٽن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين جو گڏيل اجلاس

اجلاس تعلقہ امير مولوي اسدالله سنجراني جي صدارت هيٺ مدرسہ دارالعلوم محمديہ قاسميہ چوهڙجمالي ۾ منعقد ٿيو

اجلاس جي ڪارروائي تعلقہ شاهبندر جي ناظمِ عمومي مولوي منظور احمد حقاني هلائي

اجلاس ۾ امنِ عالم اجتماع جي تيارين ۽ ٻين تنظيمي معاملن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو

چوهڙجمالي (رپورٽ شاهدحسيني)جمعيت علماءِ اسلام تعلقہ شاهبندر جي مجلسِ عاملہ ۽ تعلقہ شاهبندر جي سمورن يونٽن جي صدرن ۽ جنرل سيڪريٽرين جو گڏيل اجلاس تعلقہ امير مولوي اسدالله سنجراني جي صدارت هيٺ مدرسہ دارالعل/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب4

ڪوٽ غلام محمد جي آءِ ڊيل پبلڪ اسڪول ۾ استادن جو ڏينهن ملهايو ويو

تقريب دوران شاگردن پنهنجي استادن کي سلام پيش ڪندي سندن خدمتن، محنت ۽ شفقت کي ڀيٽا پيش ڪئي

سندن خدمتن، محنت ۽ شفقت کي ڀيٽا پيش ڪئي، شاگردن پنهنجي استادن کي مختلف تحفا پڻ پيش ڪيا

ڪوٽ غلام محمد (رپورٽر) آءِ ڊيل پبلڪ اسڪول ڪوٽ غلام محمد ۾ اج ٽيچرز ڊي جي حوالي سان هڪ پروقار ۽ شاندار تقريب منعقد ڪئي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

ٽنڊو غلام حيدر پرسان آوار ڪتي جو 7 ورهين جي نينگري تي حملو، سخت زخمي

ٽنڊو غلام حيدر ويجهو ڳوٺ حاجي گهرام خان چانڊيو ۾ آوار ڪتي 7 ورهين جي معصوم نينگري تي حملو ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو

ڳوٺ حاجي گهرام خان چانڊيو ۾ شهباز چانڊيو جي 7 سالا ڌيءُ سهوانا چانڊيو گهر ٻاهران ويٺي هئي تہ اوچتو ڪتي مٿس حملو ڪيو

آوار ڪتي نينگري جي سموري جسم تي چڪ هڻي گوشت پٽي ڇڏيو آهي ڪيس سخت زخمي ڪري وڌو

ٽنڊو غلام حيدر (رپورٽر) ٽنڊو غلام حيدر پرسان آوار ڪتي جو 7 ورهين جي نينگري تي حملو، سخت زخمي ٽنڊو غلام حيدر ويجهو ڳوٺ حاجي گهرام خان چانڊيو ۾ آوار ڪتي 7 ورهين جي معصوم نينگري تي حملو ڪري سخت زخمي ڪري ڇڏيو /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

ٽنڊو محمد خان منشيات ڪيس ۾ اڪبر لغاري سميت 7 جوابدارن کي ٽن سالن لاءِ پروبيشن تي رکڻ جو حڪم

جوڊيشل مئجسٽريٽ عبداللطيف ڏاهري جو فيصلو، اڳوڻي اي ايس پي علينا راڄپر جي ڇاپي دوران مبينا طور قانوني ڪارروائي ۾ رڪاوٽ وجهڻ واري ڪيس ۾ فيصلو

جوڊيشل مئجسٽريٽ فرسٽ (JM_I)عبداللطيف ڏاهري جي عدالت منشيات سان لاڳاپيل ڪيس ۾ نامزد اڪبر لغاري سميت 7 جوابدارن بابت فيصلو

ماجد ولد علي حسن ٽالپر، رمضان ولد علي احمد خاصخيلي ۽ رحمت الله ولد گل محمد ٽالپر شامل آهن

ٽنڊو محمد خان(حبيب شيخ) ٽنڊو محمد خان منشيات ڪيس ۾ اڪبر لغاري سميت 7 جوابدارن کي ٽن سالن لاءِ پروبيشن تي رکڻ جو حڪم جوڊيشل مئجسٽريٽ عبداللطيف ڏاهري جو فيصلو اڳوڻي اي ايس پي علينا راڄپر جي ڇاپي د/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

ور شهر ۾ ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو جي واپاري برادري ۽ معززن سان ملاقات امن امان بابت اهم ڳالهيون

ان موقعي تي رئيس شير خان چانڊيو پاران ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو کي سنڌي ثقافتي روايت موجب پٽڪو ٻڌائي سندس آجيان

منشيات جي روڪٿام پوليس گشت واپاري برادري جي تحفظ ۽ ڪاروباري سرگرمين بابت اهم معاملن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

شهر جي مختلف مسئلن امن امان جي صورتحال ۽ واپارين کي درپيش مسئلن بابت ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو کي آگاهہ ڪيو

گهوڙاٻاري (رپورٽ سيد شاهہ خالدڏاتاري) : ايس ايس پي ٺٽو عديل حسين چانڊيو ور شهر پهتو جتي واپاري ايسوسيئيشن سماجي اڳواڻن ۽ شهر جي معزز شخصيتن پاران سندس شاندار آجيان ڪئي وئي ان موقعي تي رئيس شير خان چانڊيو پاران / ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

روهڙي ۾ ريلوي پوليس جي ڪارروائي، مبينا چوري ٿيل سامان هٿ، 2 ڄڻا گرفتار، ڪيس داخل

روهڙي جي لوڪوشيڊ واري علائقي ۾ ريلوي پوليس ۽ اسپيشل برانچ ڳجهي اطلاع تي گڏيل ڪارروائي

هڪ دڪان تان ريلوي جو مبينا چوري ٿيل قيمتي سامان هٿ ڪرڻ ۽ ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي

گرفتار ڪيل جوابدارن ۾ حنيف پٽ جمعہ خان عباسي ۽ دلشاد پٽ محمد ابراهيم شيخ شامل آهن

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ ريلوي پوليس جي ڪارروائي، مبينا چوري ٿيل سامان هٿ، 2 ڄڻا گرفتار، ڪيس داخل تفصيل موجب روهڙي جي لوڪوشيڊ واري علائقي ۾ ريلوي پوليس ۽ اسپيشل برانچ ڳجهي اطلاع تي گڏيل ڪارروائي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

روهڙي ۾ مينهن جي واڙن خلاف انتظاميا جون ڪارروايون تيز، ڪيترائي واڙا خالي ڪرايا ويا

روهڙي شهر ۾ آبادي وارن علائقن اندر قائم مينهن جي واڙن خلاف انتظاميا جون ڪارروايون جاري آهن

انڪروچمينٽ عملي پوليس نفري سان گڏ نيوبارڊ واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪندي مينهن جا واڙا خالي ڪرائي ڇڏيا

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي ۾ مينهن جي واڙن خلاف انتظاميا جون ڪارروايون تيز، ڪيترائي واڙا خالي ڪرايا ويا تفصيل موجب روهڙي شهر ۾ آبادي وارن علائقن اندر قائم مينهن جي واڙن خلاف انتظاميا جون ڪارروايون جاري آهن ان سلسلي ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر روهڙي عُروَ الوُثقٰ جي اڳواڻي ۾ انڪروچمينٽ عملي پوليس نفري سان گڏ نيوبارڊ واري علائقي ۾ ڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

دادو ۾ انصاف اسٽوڊنٽس فيڊريشن پاران عمران خان جي 74 هين سالگرهہ، 10 پائونڊ جو ڪيڪ ڪاٽي آزادي لاءِ نعريبازي

10 پائونڊ جو ڪيڪ ڪاٽي عمران خان جي ڊگهي عمر، صحت ۽ جلد آزادي لاءِ دعائون گهريون ويون

ڪارڪنن پاران آزادي جي حق ۾ زوردار نعريبازي ڪئي وئي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) انصاف اسٽوڊنٽس فيڊريشن ضلعي دادو پاران گذريل رات اڳوڻي وزيراعظم ۽ جيل ۾ قيد عمران خان نيازي جي 74هين سالگرهہ جي موقعي تي دادو پريس ڪلب اڳيان تقريب منعقد ڪئي وئي، جتي 1/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

هالا ۾ مبينا غيرقانوني پيٽرول يونٽ ۾ اوچتو باهہ، ملازم ۽ نينگري زخمي، شهرين ۾ خوف

هالا ۾ مبينا غيرقانوني پيٽرول يونٽ ۾ اوچتو باهہ، ملازم ۽ نينگري زخمي، شهرين ۾ خوف

غيرقانوني پيٽرول يونٽن خلاف ڪارروائي جو مطالبو، اسسٽنٽ ڪمشنر هالا پاران يونٽ سيل

اسسٽنٽ ڪمشنر هالا پاران يونٽ سيل هالا جي مسڻ روڊ تي قائم مبينا غيرقانوني پيٽرول يونٽ ۾ اوچتو باهہ ڀڙڪي پئي

متياري (د. ر)هالا ۾ مبينا غيرقانوني پيٽرول يونٽ ۾ اوچتو باهہ، ملازم ۽ نينگري زخمي، شهرين ۾ خوف، غيرقانوني پيٽرول يونٽن خلاف ڪارروائ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

ٽنڊوالهيار ۾ گندي پاڻي جي نيڪال ۽ شاخ جي صفائي جو ڪم شروع

امداد علي پتافي ۽ ضلعي صدر ظهير عباس پتافي نوٽيس وٺندي ڪاٽي واري مشين موڪلي شاخ جي صفائي ڪرائي

علائقي واسين ايم پي اي امداد علي پتافي ۽ ضلعي صدر ظهير عباس پتافي جو شڪريو ادا ڪيو ويو

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار شهر جي ڳترن جي گندي پاڻي جي نيڪال ۽ شاخ جي صفائي لاءِ احتجاج ڪندڙ ڳوٺاڻن جي مسئلي جو اڳوڻي صوبائ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

قمبر ۾ استادن جي عالمي ڏهاڙي تي تقريب، سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

تعليم کاتي، اين سي ايڇ ڊي، آر ايس يو ۽ مختلف اسڪولن جي استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

مقررين استاد جي عظمت، معاشري جي تعمير ۾ سندس ڪردار ۽ استادن جي بي لوث خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي

قمبر (رپورٽر) استادن جي عالمي ڏهاڙي جي مناسبت سان گورنمينٽ هاءِ اسڪول قمبر ۾ تعليم کاتي ۽ نيشنل ڪميشن فار هيومن ڊولپ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر18

مير رضا جي لاش تائين پهچڻ لاءِ 3 کان 4 متبادل رستا آهن: جبران ناصر

پوليس بار بار صرف هڪ ڪچي روڊ جي نشاندهي ڪئي، ڏوهہ جي جاءِ جي چوڌاري 100 کان وڌيڪ ڪيمرا آهن

ڪراچي (رپورٽر)مير رضا ڪيس ۾ ڪميشن جو معائنو ڪان پوءِ ڪيس جي وڪيل جبران ناصر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ مير رضا جي لاش تائين/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

پي آئي ڊي سي سوسائٽي ۾ اقبال حسين چنا سان پ پ اڳواڻ حنيف سومرو ۽ ٻين سياسي سماجي اڳواڻن جي تعزيت

امن جو سفير اقبال حسين چنا جي پاڻيٽي جي پٽ جي وفات تي تعزيت جو سلسلو ٻئي ڏينهن بہ جاري رهيو

وڪيلن ۽ معزز شخصيتن پاران پهچي تعزيت ڪئي وئي ۽ مرحوم جي مغفرت لاءِ فاتحہ خواني ڪئي وئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي پي آئي ڊي سي سوسائٽي ۾ اقبال حسين چنا سان پ پ اڳواڻ حنيف سومرو ۽ ٻين سياسي سماجي اڳواڻ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

گورنمينٽ اسلاميہ بوائز ڊگري ڪاليج بدين ۾ ووٽر آگاهي پروگرام منعقد

هن اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان پاران شروع ڪيل ووٽر آگاهي مهم بابت پڻ شاگردن کي تفصيلي بريفنگ ڏني

ان عزم جو اظهار ڪيو تہ ووٽ جي اهميت بابت هي پيغام گهر گهر تائين پهچايو ويندو

بدين (رپورٽ رجب راهمون) گورنمينٽ اسلاميہ بوائز ڊگري ڪاليج بدين ۾ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر ظهير احمد جي صدارت هيٺ ووٽر آگاهہ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

ٽائون ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر غازي خان راڄڙ ڳجهي اطلاع تي عمرڪوٽ ۾ مختلف هنڌن تي ڇاپا

ڇاپا هڻي عمرڪوٽ واسي جوابدار آسن ٻجير کي گرفتار ڪري جوابدار جي نشاندهي تي 19 موٽرسائيڪلون هٿ

جوابدار جي نشاندهي تي 19 موٽرسائيڪلون هٿ ڪري جوابدار خلاف ڪيس داخل ڪرڻ بعد وڌيڪ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي

ميرپورخاص(بيوروچيف سومارسميجو) ٽائون ٿاڻي جي ايس ايڇ او انسپيڪٽر غازي خان راڄڙ ڳجهي اطلاع تي عمرڪوٽ ۾ مختلف هنڌن تي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

دادو ۾ بدامني ۽ کلي عام منشيات فروشي خلاف شهرين جو ڌرڻو ايس ايس پي چوڪ تي ٽريفڪ معطل

مظاهرين ايس ايس پي چوڪ تي ڌرڻو هڻي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو، جنهن سبب ٽريفڪ معطل ٿي وئي

ڊي ايس پي جي خاطري بعد مظاهرين ڌرڻو ختم ڪري ڇڏيو، جنهن ڪانپوءِ روڊ تي ٽريفڪ بحال ٿي وئي

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو شهر ۾ وڌندڙ بدامني ۽ کلي عام منشيات جي وڪري خلاف شهرين، شاگردن ۽ دڪاندارن پاران سخت احتجا/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

ميرپورخاص سينٽرل جيل ۾ قيدين سان ملاقات

ملاقات جي عمل تائين مختلف مرحلن تي مبينا طور غيرقانوني رقم وصول ڪرڻ جون شڪايتون سامهون آيون

جيل جي مک گيٽ تي مبينا طور 100 کان 200 رپين تائين رقم ورتي وڃي ٿي

ميرپورخاص (بيورو چيف سومار سميجو) ميرپورخاص سينٽرل جيل ۾ قيدين سان ملاقات لاءِ ايندڙ وارثن کان گيٽ کان وٺي ملاقات جي عمل/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

سنڌ نيوز پيپر سوسائٽي جي ميمبر گورننگ باڊي سيد اقبال شاهہ جي والد سيد عطا الله شاهہ جي وفات تي تعزيت

سنڌ نيو پيپرز سوسائٽي پاران مرڪزي سيڪريٽريٽ ۾ تعزيتي اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ قرآن خواني تي

تعزيتي ميڙاڪي ۾ سنڌ پيپر نيوز سوسائٽي جو صدر قاضي شفيق، سيڪريٽري جنرل رضوان شاهہ، مختيار احمد سومرو، ديدار سنڌيلو ۽ ٻيا شريڪ

بلوچستان جي اڳوڻي اطلاعات کاتي جي وزير محمد يونس، سيد ذوالفقار علي شاهہ سميت وڏي انگ ۾ صحافين شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ نيوز پيپر سوسائيٽي جي ميمبر گورننگ باڊي سيد اقبال شاهہ جي والد سيد عطا الله شاهہ جي وفات تي تعزيت سنڌ نيو پيپرز سوسائٽي پاران مرڪزي سيڪريٽريٽ ۾ تعزيتي اجلاس ڪوٺايو ويو جنهن ۾ قرآن خواني تي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمب21

پنوعاقل جي رهواسي پ پ جيالي قيصر ميربحر جو سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج

سندس خاندان 1968 کان پ پ سان وفاداري سان وابستہ آهي، پر پارٽي طرفان ان وقت تائين ڪين ڪنهن بہ قسم جو ريليف مليو آهي

مقامي نمائندن ۽ قيادت جي لاپرواهي سبب سندس ٻارن کي روزگار فراهم نہ ڪيو ويو

راشن جي تقسيم سميت بي نظير انڪم سپورٽ پروگرام، زڪوات ۽ ٻين پروگرامن ۾ سندس خاندان کي نظرانداز ڪيو ويو آهي

سکر(رپورٽر)پنوعاقل جي رهواسي پ پ جيالي قيصر ميربحر جو سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج، پارٽي قيادت کان انصاف جو مطالبو تفصيل موجب پنوعاقل جي رهواسي پ پ جيالي قيصر ميربحر ولد حاجي محمد ابراهيم سک/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

قمبر ۾ 5 آڪٽوبر استادن جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

استاد قوم جا اڏيندڙ آهن، سندن عزت ۽ حوصلا افزائي اسان جو فرض آهي: منظور علي

ٻار جڏهن اسڪول ۾ نئون داخل ٿيندو آهي تہ ڪيس فقط ٻولي ڳالهائڻ ايندي آهي

قمبر(رپورٽر) 5 آڪٽوبر استادن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي اج گورنمينٽ بوائيز هاءِ اسڪول باگوديرو جي هيڊ ماسٽر منظور علي چانڊيو/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

سيوهڻ ۾ 6 ڪروڙ 18 لک 78 هزار درودِ پاڪ جي روحاني محفل

بابا سائين احمد علي قريشي رح جون تعليمات قرآن، درود ۽ اصلاحِ نفس جو پيغام آهن: غلام حيدر شاهہ

بابا سائين احمد علي قريشي رح جون تعليمات قرآن، درود، نماز ۽ اصلاحِ نفس جو جامع پيغام آهن

قرآن پاڪ انسان لاءِ هدايت جو سرچشمو آهي ۽ نماز جو اثر انسان جي اخلاق ۽ عمل ۾ ظاهر ٿيڻ گهرجي

سيوهڻ (پريس رليز) انجمن غلامان قلندر ويلفيئر پاڪستان پاران حضرت لعل شهباز قلندر رح جي درگاهہ ۾ بابا سائين احمد علي قريشي رح جي عرس مبارڪ جي نسبت سان عظيم روحاني محفل منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ 6 ڪروڙ 18 لک/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر24

ڄامشورو: شڪار تي دفعو 144 جي ڀڃڪڙي، وائلڊ لائيف جي ڪارروائي، ناياب ٻازن جي شڪار تي ٻہ ڄڻا گرفتار

ڄامشورو وائلڊ لائيف جي اهلڪارن غفار جمالي ۽ عبدالقيوم چنا ڪارروائي ڪئي

ڪارروائي دوران درياهہ سنڌ جي ديهہ ڄڄ واري علائقي ۾ گهاٽ لڳائي شڪار ڪندڙ ٻن ڄڻن حافظ دلشاد احمد ۽ رفيق احمد کي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار ٿيل ٻئي ڄڻا ديرا غازي خان جا رهواسي آهن، جيڪي ناياب نسل جي ٻازن ۽ ٻين پکين جو شڪار ڪري ڪين مختلف شهرن ۾ وڪرو ڪندا هئا

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو ۾ شڪار تي لاڳو دفعو 144 جي ڀڃڪڙي ۽ ناياب نسل جي ٻازن سميت پکين جي غيرقانوني شڪار خلاف محڪمہ وائلڊ لائيف ڪارروائي ڪندي ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

ٽنڊوباگو ۾ جمعيت علماءِ اسلام اڳواڻن پاران تنظيمي دورو

ٽنڊوباگو (رپورٽر) جمعيت علماءِ اسلام جو تنظيمي دورو، 8 آڪٽوبر واري ضلعي اجلاس جي /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

قلجي اسٽيشن جي اسڪول ۾ ٽيچرز ڊي جي موقعي تي تقريب

قلجي اسٽيشن (رپورٽر) ٽيچرز ڊي جي موقعي تي قلجي اسٽيشن جي اسڪول ۾ پروقار تقريب/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

الخدمت فائونڊيشن ضلع شهيد بينظيرآباد پاران ڪاروباري سهائتا جا چيڪ ورهائڻ جي تقريب

تقريب نوابشاهہ جي هڪ خانگي هال ۾ منعقد ٿي، تقريب دوران 33 مستحق ماڻهن ۾ ڪاروباري سهائتا جا چيڪ ورهايا ويا

مختلف ننڍا ڪاروبار شروع يا مستحڪم ڪري پنهنجي خاندان ۽ ٻارن جي ڪفالت ۾ مؤثر ڪردار ادا ڪري سگهنديون

تقريب ۾ جماعت اسلامي نوابشاهہ جي ضلعي امير طارق جاويد آرائين خاص مهمان طور شرڪت ڪئي

نوابشاهہ(رپورٽر) الخدمت فائونڊيشن ضلع شهيد بينظيرآباد پاران ننڍا ڪاروبار ڪندڙ مستحق ماڻهن جي ڪاروبار کي مستحڪم ۽ مضبوط بڻائڻ لاءِ ڪاروباري سهائتا جا چيڪ ورهائڻ جي تقريب نوابشاهہ جي هڪ خانگي هال ۾ منعقد ٿي/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ملازمن جا مسئلا حل ڪرائڻ، غلط قدمن ۽ محنت ڪشن سان زيادتين خلاف آواز اٿارڻ يونين جي بنيادي ذميوارين ۾ شامل آهي: عبداللطيف نظاماڻي

محنت ڪشن جي مسئلن کي حل ڪرڻ، انهن جي مراعاتن ۽ حادثن کان تحفظ کي يقيني بڻائڻو پوندو

فيڊرن کي زيرو لوڊشيڊنگ ڪرڻ سٺو عمل آهي، پر جيڪڏهن اسان جو هيرو لائين مين ئي مشڪلاتن جو شڪار هوندو تہ ادارو ترقي نٿو ڪري سگهي

اداري جي بهتري لاءِ اسان کي پنهنجي ورڪرن کي پڻ "اون" ڪرڻو پوندو

پٽ شاهہ (رپورٽر) آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين (سي بي اي) جي مرڪزي صدر عبداللطيف نظاماڻي چيو آهي تہ ملازمن جا مسئلا حل ڪرائڻ، غلط قدمن ۽ محنت ڪشن سان زيادتين خلاف آواز اٿارڻ يون/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

پٽ شاهہ: آل پاڪستان واپڊا هائيڊرو اليڪٽرڪ ورڪرز يونين (سي بي اي) جي مرڪزي صدر عبداللطيف نظاماڻي تقريب کي خطاب ڪندي

ايم ڪيو ايم مرڪز تي فائرنگ واري ڪيس ۾ جوابدارن جي ضمانت منظور

ڪراچي (رپورٽر) ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج اوڀرجي عدالت ۾ ايم ڪيو ايم جي مرڪز بهادر آباد/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر30

ميروخان ٽائون ڪاميٽي جي ڪابينا جو اجلاس

ميروخان (رپورٽر) ميروخان ٽائون ڪاميٽي جي چيئرمين پاران ٽائون ڪاميٽي جي ڪابينا جو اجلاس/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31

شهر اندر رات دير ٻن ڌرين مگسي ۽ پلائي برادري جي نوجوانن ۾ ٿيل منهن ماري

جهيڙي بعد معزز شهرين ڄامشورو عوامي اتحاد اڳواڻن عرفان برفت سراج تيوٽو ساگر عالماڻي رحيم جمالي نويد پلائي علي محمد مگسي جي اڳواڻي ۾ ميڙ منٿ قافلو

ٻن ڌرين جي معززين قادر بخش پلائي ۽ علي مگسي وٽ پهتو جهيڙي کي ختم ڪري ڌرين کير ڪنڊ ٿيڻ لاءِ گذارش

ڄامشورو(رپورٽر)شهر اندر رات دير ٻن ڌرين مگسي ۽ پلائي برادري جي نوجوانن ۾ ٿيل منهن ماري جهيڙي بعد معزز شهرين ڄامشورو عوامي اتحاد اڳواڻن عرفان برفت سراج تيوٽو ساگر عالماڻي رحيم جمالي نويد پلائي علي محمد مگسي جي اڳواڻي ۾ ميڙ منٿ قافلو ٻن ڌرين جي معززين قادر بخش پلائي ۽ علي مگسي وٽ پهتوجهيڙي کي ختم ڪري ڌرين کير ڪنڊ ٿيڻ لاءِ گ/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر32

انمول عرف پنڪي تي هڪ ٻئي ڪيس ۾ فردِ جرم لاڳو

ڪوڪين ڪوئن انمول عرف پنڪي خلاف ڪيسن ۾ فردِ جرم لاڳو ڪرڻ جو سلسلو تيز ٿي ويو

سيشن عدالت ڏکڻ ۾ جوابدارا انمول عرف پنڪي خلاف منشيات واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) ڪوڪين ڪوئن انمول عرف پنڪي خلاف ڪيسن ۾ فردِ جرم لاڳو ڪرڻ جو سلسلو تيز ٿي ويو آهي . سيشن عدالت ڏکڻ ۾ جوابدارا انمول عرف پنڪي خلاف منشيات واري ڪيس جي ٻڌڻي ٿي،عدالت جوابدار انمول عرف/ ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر33